معياري ادب پيش ڪندڙ

ماهوار

# سُھڻي

اپريل – ١٩٧٢ع

سال: ٽيون

نمبر: ۴

ايڊيٽر

طارق اشرف

قيمت: ٢-٠٠



سال لاءِ: ١٥-٠٠

SOHNI PUBLISHERS
F/45-750 West Kutcha
Hyderabad, Sind.

سوھڻي پبلشرس
ايف ۴۵/٧٥٠، ويسٽ ڪچا
حيدرآباد، سنڌ.

# ترتيب


پنهنجي طرفان.... طارق اشرف ٣

## ڪهاڻيون

هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا آمر جليل ١٠
جنگ جاري رهي غلام نبي مغل ٢٥
پٽر تي ليڪو نجم عباسي ٣٤

## شعر

سر مارئي (بيت ۽ وايون) شيخ اياز ٤٤
گيت تنوير عباسي ٦٠
غزل الطاف ٦٠
نظم قمر شهباز ٦١
گيت ناصر جمالي ٦٢
نظم سحر بلوچ ٦٣
نظم مير محمد پيرزادو ٦٤
وائي ملڪ نديم ٦٥

## مضمون

٤- مارچ ۽ سنڌي زبان ڪنوينشن... شيخ اياز ٦٨
٤- مارچ ۽ اسانجا فرض رسول بخش پليجو ٨٠
٤- مارچ ١٩٦٧ع مسعود نوراني ٨٣
٤- مارچ قومي جدوجهد جو ڏينهن محمد يوسف ميمڻ ٨٩

## تنقيد ۽ رايا

پڙهندڙن جا خط پڙهندڙن وٽان ٩٣


( سڀ حق ۽ واسطا قائم )


سيد سليم شاهه قادري، شاهد پرنٽرس، صدر، حيدرآباد سنڌ، مان ڇپرايو.

اوهين ملڪ ۾ انتشار ڇو پيا ڦهلايو، قومي ملڪيت کي اوهين ڇو پيا نقصان رسايو. اهي ڪم ته سنڌين کي ڪرڻ گهرجن ها. ڇويهه سال نه اسلام کي خطرو هو ۽ نه نظريه پاڪستان کي. هاڻ 'پڻي' جي ايندي ئي اسلام به خطري ۾ اچي ويو. نظريهٔ پاڪستان به.

▲ اسين اوهانکي چڱيءَ ريت سڃاڻون، اوهين نه فقط سنڌ جا دشمن آهيو، پر پوري پاڪستان جا دشمن آهيو. اوهان ۽ اوهانجي ليڊرن ئي اٺترا سال سڀني صوبن کي هڪ ٻئي سان ويڙهايو آهي، ۽ هاڻ به انهيءَ ڪوشش ۾ لڳا پيا آهيو. پر ياد رکو، هاڻ اسين اوهانکي ڪامياب نه ٿيڻ ڏينداسين. اوهين هِن ملڪ ۾ هاڻ آيا آهيو، اسين هن ڌرتي تي سوَن هزارن سالن کان رهندا اچون. هيءَ اسانجي ڌرتي آهي، هيءُ اسانجو ملڪ آهي. اسانکي پنهنجو ملڪ هر شيءِ کان وڌيڪ عزيز آهي. اسانجي خاموشي، اسانجي صبر ۽ اسانجي بُردباريءَ جو غلط مطلب نه وٺو. اسين جڏهن ايوب ۽ يحيٰ جهڙن آمرن سان مقابلو ڪري سگهون ٿا، ته اوهانکي به هميشه لاءِ خاموش ڪري سگهون ٿا. اڃا اسانجا جوڌا- يوسف لغاري، مجيب پيرزادو، مسعود نوراني، ڪامل راڄپر، اقبال ترين، لالا قادر، مهر حسين شاه، حسين شاه بخاري جيترا آهن، بلڪ ڪروڙين پيا سورما به سِرَ تان سانگو لاهيو ويٺا آهن. پر اسين ظلم، ڏاڍ، ۽ هرويرو طاقت جي استعمال ڪرڻ جا قائل نه آهيون. ها، جيڪڏهن اوهان اسانکي انهيءَ ڳالهه لاءِ مجبور ڪيو، ته پوءِ اسانکي پوريءَ ريت تيار ڏسندا.

▲ اسين سنڌين کي، خاص طور تي سنڌي شاگرد برادريءَ کي پڙهو چوڻ ٿا چاهيون، ته اوهين به ڪجهه دانشمنديءَ جو ثبوت ڏيو. غير سنڌين ۾- بيهاري، دهلوي، لکنوي، اجميري، يوپي ۽ راجپوتانا —— سڀئي مختلف هنڌن جا آهن، پر پنهنجي مفاد خاطر ڪيئن نه گڏجي ويا آهن. نواب مظفر بي پارٽيءَ جو آهي، ۽ عثمان ڪينيڊي بيءَ جو، پر سنڌين کي ٻئي هڪ ئي اسٽيج تي بيهي گاريون ڏيندا آهن. (نواب مظفر جي جلسي ۾ [ڦليلي حيدرآباد] تقرير ڪندي، سندن هڪ مقرر چيو ته: 'جيڪڏهن بنگله ديش ۾ هڪ به بهاري عورت اغوا ڪئي وئي، ته اسين سڀني سنڌين جي زالن کي اغوا ڪنداسين. اسين نصرت ڀٽي کي اغوا ڪنداسين.' انهن فقط اهو چيو ڪونهي، پر اهي اڪثريت

۾ آيا، ته ڪري به ڏيکاريندا.) پر ڇا اسين سنڌي ڪڏهين به متحد نه ٿينداسين. ياد رکو، جيستائين اسان ۾ نفاق رهيو، اسين پنهنجو ڪوبه مطالبو منظور نه ڪرائي سگهنداسين. اسان سنڌين ۾ ڪجهه اهڙا به آهن، جنڪي 'پيپي' جي نظرئي سان اختلاف آهي. نظرياتي اختلاف نه ٿيندا ئي آهن، ۽ اهي اختلاف رکڻ جو هرڪو حق رکي ٿو. پر مخالفت هرو ڀرو نه ڪجي. اڄ پيپو صدارت ڇڏي ٿو ڏئي، يا ڪن جي خيال ۾ پيپي کي صدارت تان لاهجي، ته پوءِ پلا اوهانجي نظر ۾ ڪائنس ڪو چڱو ماڻهو به نه هٿ ڪرجي. ۽ جيڪڏهن پيپي کان ڪو ٻيو ليڊر چڱو آهي ۽ عوام به انهيءَ سان گڏ آهي، ته پوءِ يقين رکو، اسين سڀ اوهان سان گڏ آهيون. باقي نلهي مخالفت مان فائدو؟ جڏهن سنڌ جو محب وطن ۽ عظيم شاعر شيخ اياز، سنڌ جو محب وطن ليڊر جي- ايم- سيد، سرحد ۽ بلوچستان جي اڪثريتي پارٽيءَ جو ليڊر خان ولي خان به اهو چونتا ته: هن وقت اسانکي ذوالفقارعلي پيپي جو ساٿ ڏيڻ گهرجي. ته پوءِ ڇا اسين انهن لاءِ اهو چؤن ته: اِهي ٽئي بي اصول آهن، ملڪ جا دشمن آهن- يا اسين عقلمند آهيون ۽ هنن کي عقل ڪونهي.

▲ ڪجهه وقت جي نزاڪت کي به ڏسجي، اِهو به سوچجي ته جيڪڏهن پيپو هليو ويو ته پوءِ ڪير ايندو. ڇا وري فوجي حڪومت گهرجي؟ پوءِ سنڌ جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟ اهو به جائزو وٺجي ته انهن ٽن مهنن ۾ پيپي جي حڪومت سنڌ کي فائدو رسايو آهي يا نقصان. ٽن مهنن ۾ هر مطالبو ته پورو نٿو ٿي سگهي. پوءِ به سنڌ جا گهڻا مطالبا پورا ٿيا آهن. سنڌ جي اسٽيشنن تي سنڌيءَ ۾ نالا، 'ڪلري' ڍنڍ جو نالو ڦيرائي، اصلي نالو 'ڪينجهر' ڪيو ويو. ٽنڊي ڄام جي زرعي ڪاليج کي يونيورسٽيءَ جو درجو مليو. سنڌ يورسٽيءَ جي انجنيئرنگ ڪاليج کي پڻ يونيورسٽيءَ جو درجو مليو، سکر ۾ نئين يونيورسٽي قائم ٿئي ٿي، خيرپور ۾ سيڪنڊري بورڊ ۽ ريڊيو اسٽيشن. ڇا اِهي سڀ فائده سنڌ کي نه رسيا آهن. ساڳهڙ جي تقرير ۾ (۳۱- مارچ ۱۹۷۲ع) پيپي پنهنجي تقرير ۾ اهو به چيو هو ته: اسين مهاجرن کي انهيءَ جي اجازت نه ڏينداسين ته هو سنڌين کي اقليت ۾ آڻين. انهيءَ جي باوجود به ڪنهنکي ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي، ته پوءِ ڏوهه ڪنهنجو؟

هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا
جنگ جاري رهي
پٽڙ تي ليڪو

# ڪهاڻيون

آمر جليل
غلام نبي مغل
نجم عباسي

خداداد، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي بقا جو بار ڪڻڻو پوندو ۽ پنهنجي ڪٽنب جو پيٽ پالڻو پوندو. تنهنڪري، گذريل چوويهه سالن کان ملڪ جي يڪجهتي ۽ سالميت جو بار مون پنهنجن ڪلهن تي کنيو آهي، جنهنجي عيوض مونکي هڪ سو پنجهتر رپيا ۽ پنجهتر پيسا پگهار ۾ ملندا آهن.

فرشتو چوڌري ڪرم الاهي به مون وانگر ملڪ جي بقا جو پرجهلو آهي. هو بيحد برجستو آهي، يعني فرشتو آهي. هو مونکان وڌيڪ پگهار کڻندو آهي ۽ ڪاتي جي صاحبن کي وڻندو آهي. چوڌري ڪرم الاهي، عرف فرشتو ان بار هيٺان بيحد خوش آهي. اهو بار کڻڻ لاءِ هن وڏي قرباني ڏني آهي. هن پاڪستان کي ٽڪر ٽڪر ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ پنهنجي اباڻي وطن جلال پور جٽان کي خيرآباد ڪري سنڌ جا وڻ اچي وسايا آهن، ۽ هتي ڪيترن ئي يارن جا وڻ وڄائي ڇڏيا آهن. هڪ دفعي ذري گهٽ منهنجا وڻ وڄائي ڇڏيا هئائين. پڇيو هومانس، 'يار فرشتا، اهو ڪهڙو راز آهي، جو پاڪستان جي سالميت کي سنڌ مان خطرو آهي، ۽ تو جلال پور جٽان مان هجرت ڪري، پاڪستان جي بقا لاءِ سنڌ ۾ اچي واسو ڪيو آهي؟' فرشتي ڏادي رازداريءَ مان ٻڌايو هو، 'سنڌي، ملڪ جا دشمن، باغي، غدار، سنڌ پرست ۽ هندستان جا ايجنٽ آهن. هتي، سنڌ ۾ زيرِ زمين تحريڪون هلي رهيون آهن.' مونکي ڏندين آڱريون اچي ويون هيون. پڇيو هومانس، 'سنڌ جي تپاس جو ٽرماپيٽر سنڌ کان ٻاهر آهي ڇا؟ تون زيرِ زمين تحريڪن جي ڳالهه ٿو ڪرين، هتي زير زمين تحريڪ جو به نالو نشان ڪونهي.' فرشتي تمام خوفناڪ، راڪاس جهڙو ٽهڪ ڏيندي چيو هو، 'تون سنڌي آهين. تون به غدار آهين. ڪنهن زيرِ زمين تحريڪ جو ڪارڪن آهين.' فرشتي جي ڳالهه ٻڌي منهنجا وائيسر ڍرا ٿي ويا، ۽ مون پاڻکي پنهنجي ڪٽنب سميت صليب تي چڙهندي محسوس ڪيو هو. مون فرشتي کي چيو هو، 'يار فرشتا، منهنجو پيڙو نه پوڙ. منهنجو پيڙو پوڙڻو اٿئي ته پوءِ مونکي چناب، يا جهلم ۾ هلي ٻوڙ. مان سنڌي آهيان. مهراڻ اسانجي ماءُ آهي. سنڌ ماءُ جي هنج ۾ مونکي ٻوڙي مارينديں، ته ياد رک، ظاهري موت مرڻ کانپوءِ مان هميشه لاءِ جيئرو ٿي پوندس،

قربان ڪبي آهي. تون معمولي ڏکن ۽ رهڙن کان ٿو گهٻرائين، اوٺي ڦٽي مونهن."

عرض ڪيم، "اهي ڏک مونکي قوم هنيا آهن."

"اوٺي ڦٽي مونهن." ڊپٽي صاحب جو پارو چڙهي ويو.

ڊپٽي صاحب جي وات تي 'اوٺي ڦٽي مونهن،' ائين چڙهيل آهي، جيئن سندس وجود تي مڪر، فريب ۽ تڪبر جو تهه چڙهيل آهي. هو اصل امرتسر جو ويٺل آهي. ٻوءِ، ١٩۴٦ ۾ جڏهن انگريزن وطن پرست جوڌن حُرن تي هوائي جهازن مان بمبازي ڪري سندن ڳوٺن جا ڳوٺ حب الوطنيءَ جي عيوض ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيا، تڏهن ڊپٽي صاحب، جيڪو ان وقت ڪاتي جي سپ کان هيٺين خاڪي ۾ هو، انگريزن جي اشاري تي امرتسر مان هجرت ڪري سانگهڙ اچي وسايو. جڏهن سانگهڙ جي پسگردائيءَ واريون زمينون انگريز سرڪار پنهنجن وفادار خادمن ۾ ورهائڻ شروع ڪيون، ته اسان واري ڊپٽي صاحب پنهنجن آقائن کان پنهنجي وفاداري، سچائي، ۽ غلاميءَ جي عيوض ڪجهه ايڪڙ زمين حاصل ڪري ورتي. ان وقت کان، يعني ١٩۴٦ کان ڊپٽي صاحب سنڌ ۾ آهي. هن سنڌ جي سپوتن جا نالا سرڪار مائي باپ تائين پهچائي، نوڪريءَ ۾ ترقي ڪئي آهي. هو ان عرصي ۾ سنڌي ڳالهائڻ ٻولهائڻ به سکي ويو آهي. ڪُل اٽڪندي اٽس فقط هڪ جملي تي – 'اوٺي ڦٽي مونهن.'

ڊپٽي صاحب ميز تي بيد جو لڪڻ وهائيندي پڇيو، "اوٺي ڦٽي مونهن، اسٽيشن روڊ تي ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٽ ڏٺي اٿئي؟"

"ها سائين، ڏٺي اٿم."

"ڪيئن آهي؟"

"تمام مضبوط آهي."

"اوٺي ڦٽي مونهن."

هڪدم چيم، "ها، پٽ تمام اُپي آهي. ڪابه عورت ويم ڪري، بنا پيسن ڏيڻ جي اُها پٽ ٽپي پچي نه سگهندي."

جواب ٻڌي ڊپٽي صاحب آپي مان نڪري ويو. تمام ڪُهري

لهجي ۾ چيائين، ”ڦٽي مونهن! اها پڪ ڏسي تو کي پنهنجو فرض ياد نہ ايندو آهي؟“

مان هڪدم سوچ ۾ ٻڏي ويس. سوچيم: ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٽ ڏسي مونکي ڪهڙو فرض ياد اچڻ گهرجي! اڻين برابر هو، تہ انهن ڏينهن ۾ منهنجي گهر واري خير سان ڏهون دفعو اميد سان هئي، ۽ مان سخت نا اميد هوس. پر منهنجي گهر واريءَ جي اميد، ۽ منهنجي نااميديءَ جو ليڊي ڊفرن اسپتال سان نہ سڌو، ۽ نہ وري ڪو اڻسڌو واسطو هو. مون خواب ۾ بہ نہ سوچيو آهي، تہ مان پنهنجي گهر واريءَ کي ملڪ جي آدمشماريءَ ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ليڊي ڊفرن اسپتال ۾ داخل ڪرائي سگهندس. مون ڦليلي پار پريت آباد جي هڪ دائيءَ سان ٻڌي ليکي سودو ڪري ڇڏيو آهي. هوءَ هر سال محرم جي مهيني ۾ بنا سڏائڻ جي هلي ايندي آهي، ۽ منهنجي گهر واريءَ کي هڪ عدد ٻار ڄڻائي موٽي ويندي آهي. تنهنڪري منهنجو، يا منهنجي زال جو ليڊي ڊفرن اسپتال سان ڪوبہ واسطو نہ هو، نہ آهي، ۽ نہ رهندو.

جڏهن خاموش رهندي، ۽ سوچيندي ڪافي دير ٿي ويئي، تڏهن ڊپٽي صاحب رڙ ڪندي چيو، ”اوئي ڦٽي مونهن! ليڊي ڊفرن اسپال جي آڻ جيڏي پٽ ڏسي، تو کي ڪو خيال نہ ايندو آهي!“

تڏهن اوچتو هڪ خيال ذهن کي روشن ڪيو. هڪدم ورائيم، ”سر، ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٽ ڏسي مونکي هڪ خيال ايندو آهي.“

”ڪهڙو خيال؟“ ڊپٽيءَ پڇيو.

”جنهن رفتار سان اسين جيل ڀري رهيا آهيون، تنهن مان اِها اميد ڪري سگهجي ٿي تہ انشا الله تمام جلد سينٽرل جيل ۽ نارا جيل ۾ هائوس فل ٿي ويندو.“ پنهنجي ڳالهہ تي زور ڏيندي چيم، ”هنگامي حالتن ۾ ليڊي ڊفرن اسپتال کي جيل بدران استعمال ڪري سگهجي ٿو. مجال آهي جو ڪو شاگرد، مزور يا سياسي قيدي اِها اَيي پٽ ٽپي ڀڄي سگهي!“

ڊپٽي صاحب جي منهن ۾ گند ڀڄي ويو. شوڪي ڏنائين.

پڇيائين، ”تون اصلي سنڌي آهين؟“

”ها سائين.“

”تون انقلابي سنڌين سان سٽل ۾ آهين.“

”اهو ناممڪن آهي، سائين، “عرض ڪيم، ”سنڌي سنڌيءَ سان سٽل ۾ هجي ته پوءِ جيڪر سنڌ سڄي نه هجي ها، سنڌ جا هيٺا حال نه هجن ها.“

ڊپٽي صاحب چيو، ”تون نه فقط لاپرواهه آهين، پر بڪ بڪيو به آهين. مان تنهنجي بدلي لورا لائي ڪرائي ڇڏيندس.“

”اهڙو ظلم نه ڪجو سائين.“ عرض ڪيم، ”پرديس ۾ جيڪڏهن ڪنهن جو رڪارڊ خراب ڪيم ته پادر ڪائيندس. ٻونگي ڇڏي ڏيو ته هتي رهان. سنڌ سيڊن تي نه تهيو، پر قبديبازن تي به راضي هوندي آهي. خدا جي واسطي منهنجي بدلي لورالائي نه ڪجو.“

ڊپٽي صاحب جي ڪاوڙ ڍري ٿي. پڇيائين، ”ليڊي ڊفرن اسپتال جي ٻاهرين ڀت ڏٺي اٿئي.“

”ها سائين.“

”ان ڀت تي طرحين طرحين جون لکيون نظر اينديون آهن. آهن نه؟“

”ها سائين.“

”هاڻي هڪدم ٻڌاءِ ته ليڊي ڊفرن اسپتال جي ڀت تي ڇاڇا لکيل هوندو آهي.“

مون حافظي تي زور ڏنو. منهنجو حافظو اسانجي هوش وانگر ڪمزور آهي. گهڻي سوچ ويچار، ۽ ذهني ولوڙ ڪانپوءِ ڀت تي لکيل ڪجهه جملا ۽ نعرا ياد آيا.

چيم، ”سائين، ڪجهه جملا ياد آيا آهن.“

”ٻڌاءِ.“

مون ڪيس جملا ۽ نعرا ٻڌائڻ شروع ڪيا، اهڙي نموني، جهڙي نموني منهنجي ذهن ۾ ايندا ويا. چيم، ”سائين، ليڊي ڊفرن اسپتال جي ٻاهرين ڀت تي هيءُ لکيل هوندو آهي: اسلامي سوشلزم مرده باد — مزدور ڪا مطالبه اسلامي نظام — وچايل طاقت ۽ جواني

پيهر حاصل ڪرڻ لاءِ اچو، هونولولو هيلٿ سينٽر ۾ ــــ ڪميونسٽون ڪا قبرستان، پاڪستان پاڪستان ــــ شاليمار ۾ ڏسو ڀڪي والي فلم ۾ مسرت نظير جا هوشربا ناچ ــــ پاڪستان ۾ قراني قانون نافذ ڪيو ــــ ڏهن ڏينهن ۾ ٽائيپ ڪرڻ سکو ــــ زناني ۽ مرداڻي پوشيده بيمارين لاءِ ياد رکو حڪيم جالينوس رامپوري ــــ راجا ڏاهر مڙده باد ــــ جاڳو جاڳو مهاجر جاڳو ــــ محمد بن قاسم زندباد ــــ سابق صوبه سنڌ ڪا نام باب اسلام رکا جائي ــــ باٽا جا بوٽ مظبوط ۽ پائدار آهن ــــ ڊالر انڪ.“

”بس؟“

”بس سائين.“

”اوني ڦٽي منهن!“ ڊپٽيءَ چيو، ”اُنهن نالن جي وچ ۾ لکيل هوندو آهي - ون يونٽ مڙده باد ــــ ون يونٽ ختم ڪريو.“

”ون يونٽ کي ختم ڪريو!“

”ها، ون يونٽ کي ختم ڪريو،“ ڊپٽيءَ چيو، ”پاڪستان جي سالميت ون يونٽ ۾ آهي. جيڪو شخص ون يونٽ جي خلاف آهي، سو پاڪستان جي خلاف آهي، پاڪستان جو دشمن آهي. هي ملڪ اسلام جي نالي ۾ ورتو ويو آهي، تنهنڪري اسين سڀئي اسلامي اخوت ۾ ٻڌل آهيون . اسين هڪ مذهب جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌل آهيون . صوبن جو بحال ٿيڻ ڪفر آهي.“

دل ۾ آيو ته پنهنجي محدود معلومات ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ پڇانس، ته جيڪڏهن مذهب ملڪن جو بنياد آهي ته پوءِ اسلامي اخوت سبب ايران، عراق، افغانستان، ترڪي وغيره ۾ ڪابه جاگرافيائي حد بندي هئڻ نه گهرجي! مذهب ۾ جيڪڏهن ٿوم هجي ها، ته پوءِ وچ مشرق ۾ گراٽ جيتريون خودمختيار رياستون نه هجن ها. اُتي هڪ تمام وڏو اسلامي ون يونٽ هجي ها. مُلڪ سياسي مصلحت، ۽ پاڻيچاري جي بنياد تي ٺهيل هوندا آهن. مذهب بلڪل ذاتي مسئلو آهي، سياسي نظريو ناهي. پر جيڪي سوچيم، چئي نه سگهيم.

ڊپٽيءَ جي کهري آواز منهنجن خيالن ۾ خلل وڌو. چيائين، ”ويچارا منسپالٽيءَ وارا ’ون يونٽ مرده باد‘ جي نعري تي روز پوچي

مٿي تي رڌو رکندي پڇيائين، ”اچ ڪلهه ڏاڍي دير سان گهر ٿا اچو؟“

”ڇا ڪريان، ڪم وڌي ويو آهي.“ آهستي ورائيم.

خوش ٿيندي پڇيائين، ”فقط ڪم وڌي ويو آهي، يا پگهار به وڌيو آهي.“

پڌايو مانس ته، نه فقط ڪم وڌي ويو آهي، پر اٽي، چانور ۽ دال جي قيمت به وڌي ويئي آهي، فقط پگهار نه وڌيو آهي.

مون ڏانهن نهاريندي پڇيائين، ”ڏاڍا فڪرمند پيا ڏسجو. خير ته آهي نه؟“

ورائيم، ”ملڪ جي سالميت خطري ۾ آهي.“

”ملڪ ته پاويهه سالن (هن ڪهاڻيءَ ۾ ذڪر اڄ ڪان ٻه سال اڳ جو آهي) کان خطري ۾ آهي.“ ٻاهه کي ڦوڪ هڻندي چيائين، ”محمد علي جناح جي ڏينهن به تو کي ملڪ خطري ۾ نظر ايندو هو. خواجه ناظم الدين جي ڏينهن به تون چوندو هئين ته ملڪ خطري ۾ آهي. غلام محمد لنگڙي ۽ سڪندر مرزا جي ڏينهن ۾ به چوندو هئين ته ملڪ خطري ۾ آهي. فيلڊ مارشل ايوب خان جي دور ۾ به چوندو هئين ته ملڪ خطري ۾ آهي. هاڻ جنرل آغا يحيٰ خان جي ڏينهن ۾ به چوين ٿو ته ملڪ خطري ۾ آهي. اهو ماريو خطرو آخر ڪڏهن ٽرندو؟“

”اهو خطرو نوڪريءَ مان رٽائر ٿيڻ کانپوءِ ٽرندو.“ ڪيس اجائي بحث کان ٽارڻ لاءِ چيم، ”ڪڇڻيءَ ذرو ڏي ته ڪائي رات پاليءَ تي وڃان.“

گهر واريءَ پاڙيءَ ۾ مونکي ۽ ٻارن کي ڪڇڻي وجهي ڏني. مان ڪڇڻيءَ جا ڪوسا ڪوسا گرهه کائيندو ويس ۽ ٻارن جي آدم شماري به ڪندو رهيس. منهنجو ٽيون نمبر پٽ حاجن غائب هو. گهر واريءَ کان پڇيم، ”اهو رولو ڇورو حاجن اڃا نه موٽيو آهي ڇا؟“

”شام ڌاري آيو هو.“

”پوءِ ڪيڏانهن ويو؟“

”پاڙي جي ٻارن سان ونجهه وٽي راند ڪرڻ ويو آهي.“

پريان ڏي تاڙي ورتم ته هو ڪنهن زبردست بحث ۾ مبتلا هئا ۽ هڪ ٻئي کي مات ڪرڻ جي چڪر ۾ هئا. مان هڪدم روڊ ٽپي اسپتال جي پٽ وٽ وڃي ويٺس. هو ڳالهائيندا منهنجي پاسي مان اچي لنگهيا. ڪا پنجابي فلم ڏسي موٽيا هئا، جنهن جا ڪالما ڪين سمجهه ۾ نه آيا هئا. هو ڪالمن جي معنيٰ ۽ مفهوم تي بحث ڪري رهيا هئا. مان مايوس ٿي، موٽي اچي بجليءَ جي پول وٽ ويٺس.

ويٺي ويٺي اڌ ڪلاڪ کن مس گذريو هوندو، جو هڪ سائيڪل اسپتال جي پٽ وٽ اچي بيٺي. سائيڪل تي ڊبل سواري هئي. هڪ چٺي جي هٿ ۾ ڊبو هو ۽ ٻئي جي هٿ ۾ برش. هنن سائيڪل فٽ پاٿ تي بيهاري ڇڏي ۽ پٽ تي ڪا خالي جاءِ ڳولڻ لڳا. مان ڪرڙي اک سان کين ڏسندو رهيس ۽ ٻنهي کي هڪ ئي مهل گرفتار ڪرڻ جي ترڪيب سوچڻ لڳس. هنن کي هڪ هنڌ پٽ تي خالي جاءِ نظر آئي. هڪ چٺي بنا هٻڪ جي ڊٻي ۾ برش ٻوڙي پٽ تي لکڻ شروع ڪيو.

مان ذري گهٽ ٻوڙندو مٿن وڃي ڪڙڪيس. ڪاميابيءَ جي خوشيءَ ۾ اکر نه پئي اُڪليو. سندن سائيڪل ۾ هٿ وجهي بيهي رهيس. جنهنجي هٿ ۾ ڊبو هو، تنهن پڇيو، ”اڙي، سائيڪل چور ته ناهين؟“

”نه، نه،“ مون کين ورائيو، ”توهين اطمينان سان، جيڪي وٺيو، لکو.“

هڪ چٺي ڏاڍي چستيءَ ۽ ڦڙتيءَ سان پٽ تي لکيو، ’قسمت جو حال معلوم ڪرڻ لاءِ ملو- پروفيسر آر ڪي پرديسيءَ سان.‘

مايوسي مٿن ڪي وڪوڙي وئي. موٽي وڃي بجليءَ جي پول وٽ ويٺس. ڪجهه دير لاءِ ائين محسوس ڪيم، ته رات جا اٺ پهر آڏامي ويندا، پر خطرناڪ سنڌپرست باغي هٿ نه ايندو ۽ صبح جو ڊپٽي صاحب منهنجي بدلي لورالائيءَ ڏانهن ڪرائي ڇڏيندو. مان دل ۾ ون يونٽ، سنڌپرست باغيءَ، ۽ ڊپٽيءَ کي پاراتا ڏيندو رهيس.

ڪجهه دير ڪانپوءِ ٽريفڪ جي آمدرفت گهٽ ٿي ويئي. مائهن

اسلامي ملڪ آهي. هندستان جي ڪجهه حصن کي ملائي پاڪستان نالو ڏنو ويو آهي."

آرام سان پڇيائين، "۽ اهو هندستان وري ڪٿي آهي؟"

"ايشيا ۾."

"۽ ايشيا ڪٿي آهي؟"

مان مٿي کي هٿ ڏيئي آتان آئي ويس.

اميد جي ننڊ ننڍڻ لڳي. لورالائي ڏانهن بدلي ٿيڻ جي پڪ ٿيندي ويئي. سوچيم، گهر موٽي وڃان. رال ۽ ٻارن کي لورالائيءَ ڏانهن ڪوچ ڪرڻ جو اطلاع ڏيان. آتي ٻيهڻ بيڪار پانيم. موٽڻ لاءِ مُڙيس. وچڻ ڪان اڳ هڪ دفعو پٽ ڏانهن ڏسڻ جو خيال جاڳي آتيو. منهن ورائي پٽ ڏانهن ڏٺم.

منهنجي حيرت جي حد نه رهي. هڪ ڊيگهو شخص پٽ تي ڪجهه لکي رهيو هو. مان پير پير ۾ ڪٽندو، آهستي آهستي هلندو، سندس پٺيان وڃي بيٺس. هنجي مونڊانهن پٺي هئي. قد بت مان هو ڇوڪرات پئي لڳو. هو پٽ تي لکي رهيو هو- ون يونٽ مرده باد.

مون وڌي وڃي سندس ڪنڌ ۾ هٿ وڌو. رڙ ڪندي چيم، "بدمعاش، پاڪستان جي اتحاد جا دشمن، مونکي ذري گهٽ لورالائي بدلي ڪرائيندڙ، سنڌ پرست باغي! اڄ تنهنجو خير ناهي."

مون پَرَ ڪري کيس ڪنڌ تي مُڪ وهائي ڪڍي. هو ڦيري کائي فٽ پاٿ تي ڪري پيو. ٽيوب لائيٽ جي روشنيءَ ۾ ڏانهس ڏٺم.

هو منهنجو ٽيون نمبر پٽ حاجن هو.

غلام نبي مغل

# جنگ جاري رهي....

هڪ ماڻهو مون وٽ آيو. سنڌس هلت چلت مان ظاهر هو ته پاڻ سوشل ورڪر هو. ڏاڙهي وڌيل، خاڪي پتلون، اڇي خميص- بنَ ڪيسن واري، جنکي ڍڪ پڻ هئا ۽ جي ڪاغذن سان سٽيل هئا. هڪ کيسي جو بٽڻ بس ڇڇڻ وارو هو. وار سنواريل ۽ ڇهري تي هڪ عوامي سنجيدگي ڇانيل هئي. عليڪ سليڪ ٿي. مون کيس ڪرسي آڇي. (جيڪا منهنجي پهرين غلطي هئي) ڪرسيءَ تي ائين ويهي رهيو، جيئن اسانجا حاڪم عوامي اقتدار تي قبضو ڪري ويهي رهندا آهن.

اسانجي گفتگو شروع ٿي.

”سائين خوش آهيو؟“ هن مونکان پڇيو.

”دعا آهي ادا.“

”چڱا ڀلا؟“

”مهرباني.“

”طبيعت ڪيئن آهي؟“

آءٌ منجهي پيس. انهيءَ ڪري جو مون طبيعت جي ٺيڪ هئڻ، نه ٺيڪ هئڻ بابت سوچيو ئي نه هو. تڪڙ ۾ چوڻو پيو، ”بلڪل ٺيڪ آهي.“

”الحمد الله.“ ايترو چئي هو خاموش ٿي ويو.

آءٌ به خاموش ٿي ويس. جلدي سمجهي ويس ته هو به چاهي ٿو ته آءٌ به اها ڏيکهه شروع ڪريان، پر مون به صفا نابري واري. هڪ منٽ جي ڏکي ۽ عذاب جهڙي خاموشي ڪانپوءِ نيٺ مونکي چوڻو پيو.

”سائين حڪم؟“

”سائين حڪم ڇا جو؟“ اصل وڇانجي ويو، ڇڻ مون سنڌس

پيءُ ڏاڏي تي ڪي ڏاڍا احسان ڪيا هئا، ”سائين غريب ڪهڙا حڪم ڪندا، عرض ڪريون ٿا.“

اِت مون سوچيو ته ڪو سوشل ورڪر سان گڏ شاعر به آهي. رُلي ويس. دل ۾ سوچيم ته: ڳالهه ڦيرائي ته جند ڇُٽي.

”اوهانجو نالو؟“

”غريب علي.“

نالي ٻڌڻ سان مونکي ائين لڳو، ڄڻ دشمن بنا ڪنهن اعلانِ جنگ جي اسانجي بين‌الاقوامي سرحدن کي پار ڪري آيو آهي.

”رهندا ڪٿي آهيو؟“ مون پنهنجي روايتي قومي حوصلي کي بلند ڪندي پڇيو.

”غريب‌آباد ۾.“ هُن نيازمند ٿي جواب ڏنو ۽ مون يڪدم پنهنجي حوصلي کي پست ٿيندي محسوس ڪيو.

”آيا ڪهڙي ڪم سان آهيو؟“ مون جلدي جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”سائين پنهنجي شهر ۾ بي شمار غريب رهن ٿا، تن جي ئي ڪم سان آيو آهيان. باقي اسانجا ڪهڙا ڪم.“ هيءَ ته ماڳهين بمباري ڪرڻ لڳو هو. سمجهيم ته معاملو بلڪل سلامتي ڪائونسل ۾ پيش ڪرڻ جهڙو آهي. پر شايد مڪاني سطح تي فيصلو ٿي وڃي.

”اوهين ڇا ڪندا آهيو؟“ مون پڇيو.

”سائين، غريبن جا ڪم ڪندو آهيان.“

”نه، منهنجو مطلب آهي اوهين پاڻ بذات خود ڪهڙو ڪم، يعني ڪهڙو ڌنڌو ڪندا آهيو؟“مون نهايت وضاحت ۽ بلاغت سان کيس سمجهايو.

”سائين داستانِ غم نهايت لنبي آهي.“

سوچيم: رُلي ويس. هڪ داستان غم ۽ پيو نهايت لنبي؟

”سائين چار سال نئشنل پبلڪ پارٽي ۾ تعلقي جوائنٽ سيڪريٽري هوس. ٻه سال پاڪستان غريب پارٽي جو باني صدر هوس ۽ هڪ سال ٽي مهنا ۽ ست ڏينهن ٿيا آهن، هفته روزه ’پبلڪ پڪار‘ جو اعزازي ايڊيٽر آهيان. انهيءَ کان علاوه بي شمار انجمن

جو عهديدار رهيو آهيان، جن ۾ ادبي، سياسي، قومي، علاقائي، عوامي سڀ شامل آهن.“

”نه سائين، منهنجي سوال جو مطلب اهو نه آهي. مون رڳو اوهانکي اهو عرض ڪيو، ته اهو ڪهڙو ڪم يا ڌنڌو ڪندا آهيو، جن مان اوهانکي ڏوڪڙ ملندا هجن، جن سان اوهانجو گذر سفر ٿيندو هجي.“

مون پنهنجي سموري ذهني قابليت انهيءَ هڪڙي سوال تي صرف ڪئي. پر هو رڳو کلڻ لڳو.

”سائين، اهي سڀ ڌنڌا جيڪي مٿي عرض ڪري آيو آهيان، تن مان آءٌ نالو ڪمائيندو آهيان ۽ پوءِ اهو نالو جت به استعمال ڪندو آهيان، آتان ڏوڪڙ پيا ملندا آهن.“

منهنجي دل ۾ هزار وسوسا جاڳيا. دل ۾ چيم: سيائو ٿي ۽ ڳالهه هينئر ئي صفا ٿئي ته بهتر.

”ڀلا اهو نالو مون تي به استعمال ڪربو ٿا يا....“

هن کلي ڏنو ۽ مٿي تان ٽوپي لاهي کڻي ڪڇ ۾ رکيائين. ٽوپي لهڻ شرط سندس ٽِپڻ چمڪات ڏنو. هو بانڪ آئوٽ واري زماني ۾ الائي ڪيئن رستي تي هلندو هوندو، ضرور ’ڪئمو فليز‘ ڪندو هوندو. شروع شروع ۾ جو مون چيو آهي ته هنجا وار سنواريل هئا. حقيقت ۾ ٽوپي اهڙي پيل هوس. وارن جو ته ماڳهين قحط هوس.

”نه سائين، اوهان جهڙي عاليشان آفيسر تي ڪير پنهنجو نالو استعمال ڪندو. اوهين ته مونکي به استعمال ڪري سگهو ٿا....“

”جي؟“ مونکان ڇرڪ نڪري ويو.

”منهجو مطلب غريبن جي ڀلي خاطر، انهن جي فلاح ۽ بهبود خاطر، ملڪ جي يڪجهتي، سالميت ۽ طبقاتي ڪشمڪش لاءِ، لاءِ، بندو حاضر آهي.“ هُن ڪنڌ جهڪايو ۽ سندس ٽِپڻ وري چمڪاٽ ڏنو.

”ميان ٻڌ —“ مون وري حوصلي کي بلند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”اهي جيڪي به نالا تون وٺي ويو آهين، تن

"سائين ته پوءِ مهرباني مهرباني. آءٌ خبر جو مسودو اوهان ڏي موڪليان ٿو، پوءِ جيڪي اوهانکي پسند اچي. انشاالله پنهنجي تعلقات ۾ هڪ نئين روشن افروز دؤر جو اضافو ٿيندو...."

۽ ٽيليفون بند ٿي ويئي. آءٌ روشن افروز دؤر بابت سوچڻ لڳس.

ڪلاڪ ڏيڍ کانپوءِ هڪ ڇوڪرو منهنجي آفيس ۾ آيو ۽ ٻه ٽي ڪاغذ مونکي ڏنا ۽ چيائين، "سائين، استاد غريب علي چيو آهي جواب موڪليو."

مون کيس ٻاهر ترسڻ لاءِ چيو ۽ ٽي ڪاپي سائز ڪاغذ ڏسڻ لڳس. هڪ طرف غريب عليءَ ٻه اکر لکيا هئا.

'سائين سدائين خوش هجو. الله تبارڪ تعاليٰ ڪري اوهانجي بادشاهي قائم و دائم ۽ صحيح و سالم هجي (هونئن اصولي طور تي مان بادشاهت جي خلاف آهيان) هن حقير پر تقصير جو عرض هيءَ آهي، ته بحثيت هڪ اعزازي ايڊيٽر هفت روزه پبلڪ پڪار جي، مان اوهانجي، اسانجي شهر ۾ جلوه افروز ٿيڻ تي هڪ عدد نيوز ائٽم ڏيڻ چاهيان ٿو. ساڳي خبر جا ٽي نمونا حاضر آهن، جيڪا پسند اچي تنهن بابت ٻڌائيندا.'

خبر نمبر ۱

## نمائنده خاص وٽان

جناب .... جي بدلي اسانجي شهر ۾ هڪ نيڪ فال آهي. جناب موصوف نهايت ايماندار، خدا ترس، ڊيوٽي جو پابند، عبادت گذار ۽ دوست نواز آهن. پاڻ جيت ٻه رهيا آهن، ڪامورا شاهي جي روايتي دٻدٻي ۽ فضل ربي جي لعنت کان نهايت دور رهيا ۽ هرهنڌ عوام کين پنهنجي اکين ۾ جاءِ ڏني. صاحب موصوف جي اچڻ ڪري هت بهار جي آمد محسوس ٿئي ٿي، ۽ دعا آهي ته سندن روايتي سخاوت ۽ دوست نوازي جو فيض جاري رهي. الله ڪري کين اجا به وڏيڪ منصب ملي.

خبر نمبر ٢

## اسانجي نمائندي وٽان

جناب .... تاريخ ٤ جنوري تي هتي چارج سنڀالي. صاحب موصوف هڪ ايماندار ۽ برجستو آفيسر آهي ۽ اميد اٿئون ته هن شهر جي عوام لاءِ رحمتِ الهي ثابت ٿيندا. هونئن ڪن شر پسندن، صاحب موصوف جي ڪردار بابت ڪي مشڪوڪ ڳالهيون ڦهلايون آهن، پر اسين سمجهون ٿا ته اهو سڀ ڪوڙ آهي. انشاءالله ٻود ڪا دود پاڻي ڪا پاڻي ٿيندو ۽ هنن ئي ڪالمن ۾ آئنده تفصيلن جو انتظار ڪريو.

خبر نمبر ٣

جناب .... جي بدلي سان هن شهر جي رهاڪن ۾ خوف ۽ بي چيني جي لهر ڊوڙي ويئي آهي. صاحب موصوف جي ڪڌن ڪرتوتن جي ڇاڻ سنڌ جي صحافت ۽ عوام جي ذهن ۾ چٽي طرح نقش ٿيل آهي. هي ڪامورو نهايت راشي، مي نوشي جو شوقين، عياش ۽ عوام سان نسورو ناحق ڪندڙ آهي. هن صاحب جو ماضي اهڙن ڪمن سان نهايت تابناڪ آهي ۽ جو انشاالله قسط وار شايع ڪبو.

اڃا اهي تازيون خبرون پڙهي بس مس ڪيون هيم، ته ٽيليفون جي گهنٽيءَ گهوگهات ڪيو ۽ ڏڪائي وڌئين. رسيور ڪن تي رکيم ته غريب عليءَ جو آواز ٻڌم، "سائين خوش آهيو. خبرن جا نمونا پڙهيا اوهان."

"پڙهيم."

"سائين، ٻهرئين خبر دوستيءَ جي آهي." غريب علي وضاحت ڪئي. "ءَ اسانجا تعلقات انشا الله نهايت دوستانا رهندا ۽ اوهان اسانجي اخبار جا لائف ميمبر ٿيندا، جنهنجو نذرانو فقط سؤ رپيا آهي ۽ پوءِ مهني سر پنڌرهن ويهه رپيا اخبار کي ڊونيشن ڏيندا. موٽ ۾ اسين اوهانجو فوٽو اخبار ۾ ڏينداسين ۽ اوهانجي ڪمن جي نهايت چڱي

ڪنهنکي همت ڪين ٿي.

هڪ لڳا، هڪڙي ڊپٽي ڪليڪٽر جي گهر تي گهيرو ڪيو ويو. هو هڪ رشوتي ڪامورو هو. وڏيون وڏيون ملڪيتون ناميون هئائين، ۽ ڪيتري ئي زمين جو مالڪ ٿي ويو هو. جيتوڻيڪ اتي اچڻ وقت هو هڪ رواجي ڪلارڪ هو، ۽ معمولي مسواڙي جاء ۾ رهندو هو.

ڊپٽي مٿي ماڙيء تي چڙهي، ماڻهن کي ڏاڍيون منٿون ايلاز ڪرڻ لڳو ته:”خدا جي واسطي، رسول جي واسطي، چئن يارن جي صدقي، توهين اسين مسلمان آهيون، پاڪستاني آهيون، اسانکي جيئدان ڏيو ۽ ڇڏيو ته اسان هن ملڪ مان ئي هليا ويندا سين، وري پلجي به هيڏي ڪونه ايندا سين.“

پر هو معاف ڪرڻ وارا ڪين هئا، ۽ هنجي رت جا پياسي هئا. پوء هنکي پنهنجا ڪي پاڙيسري نظر آيا. انهن ڏي منهن ڪري چيائين ته: ”هيو نه ته من پاڙي جو ننگ پئيو، پاڙي جو واسطو ٿو وجهانو، وبهه ورهه گڏ گذاريا اٿون، پاڙي جي واسطي اسانکي وڃڻ ڏيو.“

خبر ناهي ان ڳالهه تي پاڙي وارا ڪيئن ڪجهه نرم ٿيا، ۽ هجوم کي ان تي راضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا ته هو هي ديس هميشه ئي ڇڏيندا، ۽ پاڻ سان ڪاري ڪوڏي به نه کڻي ويندا. ايتري قدر جو هندستان جي سرحدن تي پهچڻ وقت، بدن تي پيل ڪپڙا به لاهي ڏيندا، ۽ الف ننگا ٿي پنهنجي اصلوڪي پرڳڻي ۾ داخل ٿيندا، ڇوته اهي سڀ شيون اسانجي رت ست مان بنايل آهن.

ڊپٽي وارن لاء هيو ڪو به چارو ڪونه هو. ڌماڪو ڪن ماڻهو هن سڄي خاندان کي پنهنجي نظرداريء هيٺ سرحد تي پهچائڻ ويا. اتي جڏهن مڙني مردن، عورتن، ڇوڪرين ۽ ٻارن پنهنجا سمورا لٽا لاهي، هنن جي حوالي ڪيا، تڏهن هنن کي هڪ دڦعو وري به چتاء ڏيئي سرحد پار وڃڻ ڏنو ويو.

ملاح ۽ مانجهي به انهيء وهڪري ۾ وهي رهيا هئا. جڏهن نديء واري پل تباهه ڪئي ويئي، تڏهن شهر تائين اچ وڃ ٻڙين

هن واقعي پرندڙ باهہ تي پيٽرول جو ڪم ڪيو. واقعن ۾ تيزي اچي ويئي، ۽ اهڙيون وارداتون ٿيون، جو ٻڌائڻ سان وار ڪانڊارجي وڃن ماڻهن لاءِ لڪڻ ۽ ڀڄڻ جي جاءِ ڪانہ بچي هئي. سڄو پرڳڻو ان آگ ۾ وڪوڙجي ويو هو. ڪابہ واهر ڪانہ ٿي پهتي.

بنگالي، غير بنگالين جي آزيز ۽ منٿن جو ڀرپور تہ ڪو جواب ئي ڪونہ ڏيندا هئا، پر جي ڏيندا هئا، تہ اهو هنن لفظن ۾ هوندو هو: "توهان اسان تي ڪهڙو رحم ڪيو آهي، جو اسان اوهان تي ڪريون. توهان اسانجي ملڪ جي ساري دولت پاڻ وٽ سميٽي، اسانکي روزگار کان محروم ڪيو آهي، اسانجون نوڪريون توهان ماڻهن ڪي آهن، هتي جا ڪارخانا، ڪيٽ، جايون، زمينون سڀني تي توهانجو قبضو آهي. اسان واسطي رڳو غربت ڇڏي اٿو.... ۽ اهو توهان سڀ پاڪستان ۽ اسلام جي نالي ۾ ڪيو آهي. هاڻي وري توهان پنهنجي جان جي سلامتي لاءِ بہ پاڪستان ۽ اسلام جا واسطا ڏيئي رهيا آهيو، اسين هاڻي ان فريب ۾ ڪونہ ايندا سين."

غير بنگالين کي پنهنجي حياتي بچائڻ جو ڪو آسرو نظر ڪونہ ٿي آيو. ڪن ماڻهن هنن کي همدردي ڏيکاري ڇو: توهانکي پنهنجي حفاظت لاءِ هڪ هنڌ هلي رهڻ کپي. پوءِ جدا جدا پاڙن وارن لاءِ تي جدا جڳهيون مقرر ڪيون ويون، هڪ سئنيما ۽ بہ اسڪول. اتي هنن کي وڏن هالن ۾ واڙيو ويو.

هن شهر ۾ غير بنگالين جي آدمشاري ڇهہ ست سؤ کن هئي، جن مان ڪيترا ئي مارجي ويا هئا.

ان وقت ڪجھ هندستاني ڇاڙتا، پاڪستان جي سرحدن اندر ڪامي پيا هئا. ۽ پاڪستانين ۾ ڏڦيڙ وجهڻ جي ڪوشش ۾ هئا. اهڙن سپاهين جو هڪڙو ويهن پنجويهن سپاهين جو جٿو، شمشير گنج ۾ اچي پهتو.

هن شهر وارن ان وقت واڙيل غير بنگالين کي ختم ڪرڻ جون سٿون پئي سوچيون. هندستاني ڇاڙتن پهچڻ سان هنن کي پنهنجي پوري مدد جو يقين ڏياريو.

ساڳئي سپاهيءَ وري ڪڙڪو ڪري چيو، ”م هان، سڀ ماڻهو هتان هٽي پنهنجي پنهنجي گهر وڃو. اسين هنن کي هتان صحيح سلامت وٺي وڃڻ ٿا چاهيون. جي توهان مان ڪنهن به ڪا شرارت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ته هي گوليون توهانجا سينا پارڪنديون. سمجهيو، چڱو هاڻي وڃو!“

بينگالي هيسجي ويا، ۽ پوئتي وڃي پنهنجي هجوم کي حال جي حقيقت ٻڌايائون، ۽ پوءِ هو ٽڙي پکڙي ويا.

اسڪول جي ڪلاسن ۾ ڏيڍ سؤ کن ننڍا وڏا واڙيل هئا. هي خاندان چانهن جي کيت ۾ ڪم ڪندا هئا. اهو کيت، جو اڳي هڪ انگريز جو هو، سو پنجاب جي هڪ چوڌريءَ کي مليو هو. هن ان تي ڪم ڪرڻ لاءِ هاري ۽ پورهيت به پنهنجي ڳوٺان آندا هئا. هي سڀ هتي پندرهن سالن کان رهيل هئا.

سپاهين هنن کي چيو ته: اسين توهانکي ڪنهن ويجهي ٽيشڻ تي حفاظت سان هلي ٿا پهچايون. اڳتي توهان جا ڀاڳ ڪٿن.

هو سچي وات، سچو وقت، ڪلندي خوش ٿيندي پنجاب جي ديس جون هڪ ٻئي کي خبرون چارون ڪندا رهيا.

ٽيشڻ تي پهچي، پورهيتن مان هڪڙي پوڙهي، سپاهين ڏي مهڙ ڪري، احسانمند نگاهن سان نهاريندي چيو،”منهنجا پيارا ٻچڙو، اڄ اسانکي خبر پئي آهي ته انسانن جي وچ ۾ وڏي ۾ وڏو ۽ پائدار ناتو ڪهڙو آهي.“

---


## سنڌ سورهيه ڪتابي سلسلي جو ٻيو ڪتاب

اپريل جي وچ ڌاري شايع ٿي ويندو

هن ڪتاب ۾ محترم جي- ايم- سيد جو انٽرويو، پير حسام الدين راشديءَ جو تحقيقي مضمون، شيخ اياز جي زندگي جي باري ۾ ڀيريون سلسلي وارو مضمون، چونڊ شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون پيش ڪيون پيون وڃن.

**سنڌ سورهيه پبليڪيشن**

۱۹۶- ايچ جيڪب لائنز پنيان، ڪراچي سنڌ.

سر مارئي (بيت ۽ وايون)
گيت
غزل
نظم
گيت
نظم
نظم
وائي

# شعر

شيخ اياز
تنوير عباسي
الطاف
قمر شهباز
قاصر جمالي
سحر بلوچ
مير محمد پيرزادو
ملڪ نديم

شيخ اياز

# سر مارئي

ڪنڌيءَ سايون سڱريون، پُسيءَ ڳاڙها گُلَ،
مٿان وَسيون مينهن جو بوندون موتيءَ تُلَ (١)،
ڪٿڙا ميٺيءَ مُلَ (٢)، ڳهوري جِندُ مليرَ تان!

ٻنپرڪي ۾ ٻوڙن ٽـي ٽـڏا ڏريـن ٽاڪَ،
ڪائيڙُ (٣) سارو ڪيپ ۾ ڪاٽو ٽبن (٤) ٽي ماڪَ،
چمڪيا ڪَتين چاڪَ نِڪتي ڪتني سڄَ جي.

سانڪي (٥) ني سڄَ، وَرتُ وَريتيءَ هٿَ ۾،
نؤُ ورنيءَ جـو نِـجَ، ٽاٽيو ڏينهن مُهانڊڙو.

ڪَتيرين (٦) خوشبوءِ، ويڙهيو مون کي واس ۾،
ڪائي سُرڪَ سُڳند آ جيڏا تنهنجي جُوءِ،
هـي جارائيءَ رُوهِ، ڏرتـي تنهنجي ديس جي.

وِچينءَ ويـلا ڏِتَ تـي، ڳيرا، ڳاڱيءَ وَڻَ،
مـارُن ڦـوڪي ٻنسريون ڪاهيا رِڍُن ڌَڻَ،
سـاٿَ ڪيا سانوَڻ، وڃـون وَريون اوڇتو.

---

(١) تلُ ـ برابر، ثاني، هم شڪل (٢) مُلَ ـ مُلهه (٣) ڪائيڙُ ـ چاچري تعلقي جو اُتر وارو ڀاڱو (٤) ڪانٽوبو ـ هڪ ٽري ڦَلُ (٥) سانيڪو ـ سٽ پرهه انهو ڪوهه (٦) ڪتيريون ـ ڪٿو ويڙهيندڙ زالون

سانجهيءَ تاڻي ڏتن تــي وَلين، موتيا واسَ،
رَتو آهي ريت، ڪـي ڳاڙهه سري آڪاس،
هوءَ جـي اُٺـن ڏاسَ (١)، ٻارن ڀيا ڏيئڙا.

ڪاريون ڪتيءَ راتڙيون تـارا تـا ٽمڪن،
ڏَهرُ (٢) سڄو ئي ڏيئڙا چڙونرا (٣) تا چمڪن،
روئي رم جهم ڪن، اکيون سانگين، سارَ ۾.

ويڙهي ويڙهي جهپ (٤)، چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي،
ٻاهر نڪتا رات جـو سانيڪن مـان سپ،
اکيـ نہ لائج جهپ، اکيان ايندء پيئٽيون(٥)،

---

ڏِسُ هي سينهونءَ سنگ، پڳلَ چوڙيون آڏ ۾!
ڪالهہ هئي هيت مارئي ڪامڻ روپي رنگ،
اَڄ اُنهيءَ جي اَنگ، ڪڙا آهن ڪوٽَ جا.

ڏس هي ڳهڙي چيٽ، پڄي جـو پورا ٿيو،
ڪالهہ هئي هيت مارئي مارو جنهن جا ميٽ،
توتي پائير پيٽ، سڪي نہ سمهندين سومرا!

---

(١) ڏاس - ٻڪريءَ جا وارَ (٢) ڏهر - پٽن جي وچ ۾ ميدان (٣) چڙونرا - ڪـڪاوان ٽري ڳهرڙا (٤) ويڙهي جهپ - ٽر ۾ ڏيپلي ڪان ڪجهہ مفاصلي تي وستي (٥) پيئٽيون - ٽري نانگ جو هڪ قسم.

آجّ نہ کوھيءَ نار، نہ ھو کتھڙا چيلھہ تی،
آئٹ آجارا (١)، وينگسون چاتي چوڙن وار!
کوڙي سيجّ نيھارَ، وَرت (٢) وِسوڙا آسّ ۾.

آجّ نہ وَلين واسَ، آجّ نہ مينيءَ مينھڙا،
سڪي ويٺي وِيترِي (٣) آھي آجّ اُداسُ،
تون ٿي نانتھہ نيراسُ، چا ٿيي اورين آپّ سان؟

ڪرھا آرھا پَند ۾ واريءَ جا وَسڪارَ،
آيون ڀانھڙن آپّ ڏي ڏَوَڙن ڀنا ڏارَ،
آجّ نہ ڊنگھرن ڊارَ، ڏوٿيي منھنجا ڏيھہ ۾.

آدي! آجُ تہ اُداسُ، آھي منھنجو جيئڙو،
پرينءَ ساڪيو واسُ، ڪوھہ آ واڪيو (٤) ھينئڙو!

آدي! آجّ تہ آءٌ ناھيان پنھنجي ڀاڻَ ۾،
جتُ نہ پرينءَ کان پرپرو ٿي وڃو منھنجو ھانءُ،
ڪامڻ (٥) مٿان ڪانءُ، مون کی لات نہ آجہي!

ڪامڻ مٿان ڪانءُ، ڳالھيون ڳتھايي ڳوٺَ ۾،
ھرڪو چتوِي ڪانگَ کي ڳينھہ نہ پرينءَ نانءُ،
ڪاڏي وڃان آنءُ، واھتج مون لئہ وِھہُ ٿيو!

---

(١) آجارا- آجايل (٢) وَرت- کوھہ مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ چمڙي جي رسي (٣) وِيترِي- پاڻيءَ جو تلاءُ (٤) آ واڪيو- واڪيتي کانسواءِ- بيگانو (٥) ڪامَ- تارِي.

ڳنڍي (١) ۾ ڳيراهه، ماڪ ۾ آهي ماڻهئين (٢)، ا
پوءِ به تن جو ساهه، آزاديءَ ٻن اوپرو.

ڪوئري پتڙ هيٺ، اپريو ڪاهه آڳوندرو(٣)،
مارو منهنجا نيٺ، پهتا پنهنجي ماڪ تي.

اڳتڻ ۾ آهن، پٽڙ پاڇا وڃ جا،
جئن ساروڻيون (٤) ساهه ۾ چڻڪي ڪجهه چاهن،
لاڳاپو لاهن، شال نه مونسان سپرين!

ماندي ٿيءَ نه، نيٺ اينداميهن ملير تي!
وڇون وڙ ديون اوچتو لڳهه (٦) لهندا هيٺ،
مارو ماڪيءَ ميٺ، ملندا توسان مارئي.

---

وڙنڪ (٧) وڇڻجي جيئن تئن مون جيڏيون جوءِ ۾،
پائي نڪرن پولڪا (٨) پهر پيازيءَ سينءَ
آءُ وساريان ڪيئن، پڪو پاڙيچن سين!

جئن هو ڪڪرن ڪر، پڳڙن تئن پنوهارئين(٩)،
ڳاڙها ڳنن ڪهاڙئين، سج روپهرا (١٠) ڦر،
آجهو مون اوڙر (١١)، دولهه منهنجي ديس جاه.

---

(١) ڳنڍي - اَنَ رکڻ لاءِ مٽيءَ جو پانڊو (٢) ماڻهئين - ماڻهن جو، ماڻهن لاءِ (٣) آڳوندرو - جهجهو (٤) ساروڻيون - يادگيريون (٥) چڻڪي - ياد ڪري، اپري (٦) لڳهه - ڪڪر (٧) وڙنڪ - رنگ (٨) پولڪا - ٿري زالن جو چاتيءَ لاءِ چست لباس (٩) پنوهارئين - پونهارن تي (١٠) روپهرا - چاندي جهڙا (١١) اوڙر - پناهه، اوٽ

۱ لٽڪي لوڙ ياريون ٽانگر ٽور ٽلين،
مينڊي رٽڙا پيرڙا، ٽمي ڏؤر ڏٽهن،
ٻڌي جهانء (۱) جهلن، پرديسي پانديڙا.

کيلي ڪيڪارڻ لڳن جيڏيون منهنجيون جيت،
اوندهه اجاري چنڊي ڏيئي جهڙي ڏيت (۲)،
پونهارين پرت، موري (۳) سڪا هينڙا.

تارن جهڙن ٽمڪن، تن جون ٽٽڪ نموريون (۴)،
پرت (۵) پريندي جهول ۾ پانهون پٽه پٽه ڪن،
جلوي جهڙپ جهپن، پرديسي پانديڙا.

جيئين ڪانهن ڪٽر، لڳن اُنٽر واءُ ۾،
تيئين تن جا ور، هُو جي پُرن پاڪرين.

هي جو ڏونرن ڏيهه، مون کي مليو ڏاج ۾،
اهڙو ڪو سائيهه، آءُ نه پانيان پؤنء تي.

سهسين رنگ سرنگ (۶)، مٽيء منجهه مليرجي،
گولاڙن (۷) ۾ گلڙا مٽان وچن ونگ،
آچن تا آڙنگ (۸)، ڪيڙي کهنبي وانگيان.

---

(۱) جهانء - جهڪار (۲) ڏيت - چمڪ دمڪ (۳) موري - ڦٽائي ساوا ڪري (۴) ٽٽڪ - نموريون - نٽ ۾ لڙڪندڙ موتي (۵) پرت - هڪ ٿري گاهه جو ٻج (۶) سُرنگ - سٺو رنگ (۷) گولاڙو - هڪ وڻ ۽ ان جو ڦر (۸) آڙنگ - برسات کان اڳ ۾ هوا جي ٻُٽ

سدا اکين سامهون سڪ سپڪ (١) سپنو،
چيني متگهيا ڪينڪي نيرَ (٢) هي ناتو،
ڪيئن توُن متن منهنجو، ڪٽرَن ۾ قابو ڪندين؟

سانجهيءَ آندا سانت ۾ ڪنهوءَ (٣) متهوءَ (٤) ونَ،
پيپرڙا ٽيا پيٽين (٥) ڏرارڙن جا ڏنَ،
تارن هيٺ اڳين، ٽم ٽم ڏيئا ڏهڙ ۾.

ماريندي ساٿيهه ڪي جي مان بند مران،
ڪچيءَ ڪوڏيءَ (٦) جان، موت ڏريندو هٿڙا.

مارو ڪنڪ ۾ موربا جڏهن ڌنا مينهن،
هي جي ڏڪيا ڏينهن، رهي رَهندا ڪينڪي.

---

سهيندي تنهنجي سومرا، ڪڏهن ٿيندي سانس ڪانه،
قيد ڪري نادان! ڪنهن به نه پاتو پيار ڪي.

هيءَ نه منهنجو ديسُ، منهنجو ديسُ مليرَ ۾،
آءُ ڪٽيريءَ ويسُ، مور نه متيان سومرا!

تو جشن ڪيو سومرا ڏاڍ ڏڪوٽيءَ سينءَ،
ڪوبه نه ڪري انئين، مروٽءَ لنج آڇي وڃي!

مون جو پريو پاجهه سان ڪالهه آچايل پڪ،
ڏين ٿو وهه جو ڏڪ، ان ڪارڻ تون ڪوت ۾؟

---

(١) سپڪ - چڱي طرح پڪل (٢) نيرَ - زنجير (٣) ڪنهو - هڪ ونڻ (٤) متهو - هڪ ونڻ (٥) پيٽين - جاين تي (٦) ڪوڏيءَ - ڪنول

ڳهليون قسمت ڳالهڙيون هي سڀ تنهنجا ڏاڍ،
آءٌ نه ڏسي آپ ڏي ڍرڪي ڪيان ڍاڍ (١)،
آهي منهنجي آڌ، سگهڻهه سنگهارن سومرا!

آءٌ نه ڏسي آپ ڏي پڻهي ڪيان پار،
سگهارا سنگهار، ٽوڙبيندا مون سنگهرون (٢)،

جڏهن ڪي ڪوهه ڏار، تڏهن هو مڙس ملير جا،
تيئن ته تنهنجي ڪوٽ آيري ڪندا وار،
سگهارا سنگهار، ورلهي ٿيندا واهرو.

اکين اوت سوال آيريو ڪوٺي آپ ۾،
ڪڏهن ادندو اوچتو پيشن ۾ پونچال؟ (٣)
ڪيئن اسانجو حال، ڪيسين رهندو ڪوٽ ۾؟

پيشن ۾ پونچال، اچڻو آهي اوچتو،
سدا رهندو سومرا! هيئن نه منهنجو حال،
تو هيي خام خيال، سو ڪهيون آهن سنگهرون.

اچا ڪر آيو اوچو، پنهنجي ڪوٽ ڪي،
متان آيري سج جو، پاڇو پوي ڪو!
پو به سدا هوندو، منهنجو من ملير ۾.

اچا ڪر آيو اوچو، پنهنجي ڪوٽ ڪي،
نيوڙي متان چنڊ ڏي مون ڪي ڪو نيابو!
پو به سدا هوندو، منهنجو پيار پنوهار سان.

---

(١) ڍاڍ ڪرڻ - زور سان روئڻ (٢) سنگهرون - زنجير
(٣) پونچال - زلزلو

سڄڻ ئي آهي ملير، آهيان آءُ ملير ۾،
رکو روڪي تو سگهي جسم کي زنجير،
تنهنجي وس سرير، مون من ماروئڙن ۾.

سون ڪي ودي سومرا! گيا گيا ڪٿ،
پوءِ به پڌ ندي ڏر (١) مون مان ناتو ملير جو.

نسورو نادان، سدا آهين سومرا!
منهنجو ساهه سنگهار ڪان ڏار ڪندو زندان؟
آءُ ته هان حيران، ڪئن تو پاڙيو ڪوٽ تي!

---

سونهن نه ويندي سومرا! ميندا (٢) ڏوٽان يا نه،
ويندس سيج سمان (٣) موٽي ملڪ ملير ڏي.

سونهن نه ويندي سومرا ڏاڻ ڏٺي تو ڏک،
سونيءَ جهڙو مک، اڳي اڄرو هري.

جئن جئن تنهنجي جاڙ، تئن مان سرسي سونهن ۾،
آيري مٽ پهاڙ، چنڊ لڳي جئن چيٽ جو.

ٿيڙي ڪاريءَ اس ۾ سورج مکيي جيئن،
ڏک ڏسي مان تيئن، سرسي ٿيان سونهن ۾.

---

(١) ڏر - ڏرتي (٢) ميندا - وار، زلف (٣) سمان - وانگر

ڏسي ڦُلُ ڦِڪو ٿيئي مان جي ڪٿان مُنهنُ،
سَڄَ نہ آڇي سَنهنُ (١)، آءَ آڇُتِي (٢) سُومَرا!

مــارو ڇاڻن ڪــا، سَتَ بکي ٿو سُونهن ۾،
ســدا لوڙيءَ لَڄَ جـــا، لاک ڏِٺي جَهلڪا،
لَڄِتَ لڙِين جـــا، پَرَيان ٿـــي پَــدرا ميان!

مَـتان پـــانئين ايءَ، ڪوجهي ڪندا مارئي!
مَتَ سدائين سڄ جان جرڪائي ٿـو جيءَ،
ڪِٿِن ڏرتيءَ جي ڏيءَ، لِڙِيي سڏبي لوڪَ ۾.

جي تون چئين اِيءَ، ڪوجهي هُئي مارئي،
ڏِسِ ڪوڙُو آن سـومرا ڪوڙُو تُنهنجو پيءُ!
ڌرتي پنهنجي ڌيءَ، سُجاڻي ٿـي سونهن مان.

تنهنجا چاري (٣) سوُمرا جو ڪجهه لوڪَ چَوَن،
تنهنجا ماروُ مارئي مورُ نـہ ڪوجهي ڪَن،
مُنهنَ مان مُنڌَ بَڪن، ٿا ڪي سورج سَڄَ جا.

ڪيئي ڪوجهيون ڪوٽَ ۾ تهسين ڪن سينگارَ،
ها، پر آئينديون ڪٿان هيي جا پَٽ پهونهارَ؟
ڇورين ڇَلَ هزارَ، مُور نــہ ٿينديُون مارئي.

---

(١) سَنهنُ - قسم
(٢) آڇُتِي - جنهن کي ڪنهن بہ نہ ڇهيو هجي، آڇوُتي
(٣) چاري - چوڪيدار

تؤن پائيين تــو سومرا ســدا رهندين تؤن،
ڪڙا ڏيئي ڪرتَ ڪهــي نيرَ وجهيي مؤن؟
پيرن هيئان پڙن (۱)، چــــار ڏماڙا ڏاڍ ڪــي.

---

گهليون پائن گهــڻ، مون تي هسَ (۲) حياءُ جو،
آءُ ســـدا ٻيهر ٻيهر، ڪيان پنهنجي ڀاڄهه ۾.

لالڙن (۳) لٽڪايان، آءُ نـــه مــر تي سومرا!
سونهن اسانجي ســادگي پٽــڙا نــه پايان،
منهن مٽي چايان، ساهون هيجَ لڄيي ٿئي.

مان جي گايان سومرا چانگون (۴) ڏيـنڌ چال،
ٻيهر ٻيهر ڪري آپَ ۾ آتر ڪان ٻڪرال (۵)،
پٽن ڪري پال، وسن مينهن مليرَ تـــي.

---

(۱) پڙن - ڌرتي
(۲) هسَ - ڪچي ۾ پاڻي جو هڪ زيور
(۳) لالڙن - سرخ پٿر
(۴) چانگون - ٻڪرين جا ڌڻ
(۵) ٻڪرال - آما وچ جا آتر اوير جي مينهن ۾ ڪينوندي آهي.

أيـــي آنـــر واءُ ۾ آءٌ جڏهن ڳـــايـــان،
سـرن پـــانــد ڦٽي پَون ڌـــوهــر نچايان،
ڪُڪرُ (١) ڪد ڪد ٿي لڏن هيرَ ڻ هرڪايان،
پپير (٢) پاٻوهي وجهان ٻَبُرَ ٻوڪاٻان (٣)،
سُــر ۾ سمايان، جڏهن سيڪ منگهار جـــي،

جڏهن ڳاتو مون، وَڻ تيءَ موريا (٤) ماڪ ۾،
ڦٽي پيون اوچتو پتــتــن متٽ هـيپون (٥)،
تڙ ۾ ٽاڪ ٻَرَڻ لڳا ريجهيون روجهڙيون (٦)،
ينــيءَ منجهه پيتُون، نچيون نـــاچَن وانگيان،

ڪوجهي ڪندو ڪير، مونکي ملڪ مليرَ ۾،
آئي ڳاءِ ڦٽي پيو جيت مـــون ڏريو ٻير،
مـــون ۾ ڪهڙو مير، آءٌ آهـــا ٿـــي مارئي،

---

تنَرَ ڪـــان سوا ٽاڪ، ڪهڙا تنهنجا مارئي!
هيتي ڦـُــٽـي هينشـــڙو متان وَسهـــي مـــاڪ،
وَر وَر پيتَن واڪ، سڏن تنهنجي ساهت ڪي،

تَر ڪان سوا منڊ تون مٽ. هڏن سڪيـي،
ماندائون (٧)، سڪيـي (٨)، معني تنهنجي مارئي.

---

(١) ڪُـــڪر - هڪ وڻ (٢) پپير - پپل
(٣) ٻوڪاٻان- ٻور پيدا ڪيان (٤) موريا - ٻور ڪيائون، ڦٽا
(٥) پپون - هڪ ڳاهه (٦) روجهڙيون - نيل ڳاٻون
(٧) ماندائون - ڏٽ (٨) سڪيي - ڏٽ

ٿــر ڪـــان سوا جنڊڙيون پوئا بـــا مينهن،
جهڙا آرهڙ ڏينهن، اهـــڙو جلن جيـــء ۾.

ڏٿرَ ڪـــان مٺوا جنڊڙيون منڊ بنا پياليون،
شـــال ! رهــن آليون، ســـاري ڏٿ ڪـــي.

---

ڏٿر ڪـان سٺوا آنءُ، مُور نـــه ٿيان مارُئي،
ميٺيءَ هاري منڊ ڪـي جڻن ڪو پيچي ٿانءُ،
ٿئن هي مُنهنجو هانءُ، پيٿن بـن پـورا ٿئي.

مان ٿيي ٿر جي ريت، هان مان ٿي هان آڪاس،
مان ٿي جٿر جي جيتَ ۾ مان ٿي ڏرَ تي ساس،
جٿ هي مُنهنجو ماس، ميٺي آهه مليرِ جي.

پيهي ڏٺـــم پاڻ ۾ مـــان ٿـــي آهيان ٿرَ،
مان ٿي لاڻيون لوءِ (١) ۾ مان ٿي جٿڙين (٢) جرَ،
مان پاپيهي اچ ۾ مـــان ٿـــي پکيءَ پرَ،
مان ٿـــي سانوڻ مينهڙا مان ٿـــي پاڻ پٽر،
ســون ۾ آهـــه آتر، ميٺي مُلڪ مليرِ جي.

پيهي ڏٺـــم پــاڻ ۾ مان واريءَ تي وس،
مان ٿي آرهڙ آس ۾، سارا گُوندر ڪس،
مان ٿي آهيان تس (٣) مان ٿي مران ناسَ ۾.

---

(١) لوءِ ــ گرم هوا (٢) جٿڙين ــ جٿڙن ۾
(٣) تس ــ پاڻي جو ٿانءُ

ٻان ڏي ماڪ ملير ٿي ٽارن هيٺان ٽل (١)،
ٻان ڏي ڪنھن ڪنھن ريت، ٿي ٻلٽر ٻياما ٻٽل،
توکي ڪٿڙي ڪٽل، چا ٿيي سوچيان سومرا!

آءٌ آسرتا آهيان جيسين آهي ملير،
آلا! منھنجي جيءَ تي زور وڏو زنجير،
منھنجيءَ وٽيءَ ڪير، وڃ ڳڏيو تو سومرا!

---

مارو منھنجي مَن ۾ مارو منھنجو ماس،
جيئي آءٌ آڌاس آني مٿهڪ مليرَ جي.

آٿي مٿهڪ ملير مان مٿيءَ پيو مينهن،
سُٺي منھنجو نينهن، اڳي ڪان اڳرو ٿيو.

سُٺي ڪان ٻو منڌ جي پيا مينهن ملير،
جيئي ڪيئي مار ڏي ڳاڳيءَ (٢) ڳهر ڳنڌير (٣)!
سارا ڪيرڙ ڪرير (٤) واسي ويٺي واس سان!

پيا مينهن ملير تي ٻهڪي آٿيا ٻوهه (٥)،
ٽرهه لاڙيءَ (٦) ٽرهه (٧)، جوين جر ڪيي منڌ جو.

ٽر تي ٽڏو چنڊ، ٻيو رات ملير جي،
جنھن هيي سارو منڊ، مهڪيو توسان مارئي!

پيا آڏيءَ رات جو ڪرڙن تي ڪيرڙا،
ٻلٽر تي ٻاچا، ٽتل ٽرائيءَ مارئي!

---

(١) ٽتل — ٽلاءُ (٢) ڳاڳي — ٽر جو هڪ ڦل
(٣) ڳهر ڳنڌير — ٽر جا ڳاهه (٤) ڪرير — ڪرڙ
(٥) ٻوهه — هڪ ٻوٽو (٦) لاڙي — هڪ ٻوٽو
(٧) ٽرهه — مرٽ ٻوٽي جا داڻا

# وايون

(١)

تِتر ڪَرڙي (١) آيَّ تي، اندر ٻاهر ٻُٽَّ؛
ڪڏهن وسندين مينهڙا ؟

جهولا، جَهڪَّ (٢) جهڄي هيٺون، ڦانگ (٣) نه آهي ڦُٽَّ (٤)؛
ڪڏهن وسندين مينهڙا ؟

تيرَ تکيرا تِرورا، چوڌر تِرڇي چُٽَّ؛
ڪڏهن وسندين مينهڙا ؟

سَڀَ ڪي پيرين پُرڪَٽا (٥)، واريءَ ڏيرَ آڪُٽَّ،
ڪڏهن وسندين مينهڙا ؟
ڪڏهن وسندين مينهڙا ؟

---

(١) تِتر ڪرڙي ـ ننڍن ننڍن ڪڪرن جا ميڙ
(٢) جَهڪَّ ـ گرد غبار واري تيز هوا، آنڌي
(٣) ڦانگ ـ ٽاري
(٤) ڦُٽَّ ـ ڦٽڻ مان اسم (٥) پرُڪٽا ـ لڦون

(٢)

آيري آلهي (١) ڪوٽ تي، ويو سج ٻڏي؛
ماڪ نہ موتي مارئي!
آهيري (٢) جي اوٺ ٿيا، پکي پار اڏي؛
ماڪ نہ موتي مارئي!
اٿين ٻـــہ ناهي منڌ جي، لوئي لڄ لڏي،
ماڪ نہ موتي مارئي!
ڪنهن جو ڪنڌي ڪوهہ تان، ڏرتي ڇو نہ ڏڏي؟
ماڪ نہ موتي مارئي!
سرهي ٿئي سات سان، آچي شـال اڏي!
ماڪ نہ موتي مارئي!
ماڪ نہ موتي مارئي!

(٣)

اٿـر ڏانـــا جــي، وري جوڙيو سهي؛
پکا پائر پار جا۔
اٿـــو، اٿـــو ماروئڙو! متان مينهن وسهي؛
وري جوڙيو سهي:
پکا پائر پار جا۔
ڪيڏو ڪاريءَ رات ۾، ڪيجہ ڪنوڻين ڪي!
وري جوڙيو سهي:
پکا پائر پار جا۔
ڦتنيل ميرڻ واءُ ۾، پيو وڄ (٣) هٽي؛
وري جوڙيو سهي:
پکا پائر پار جا۔
رکـــو سوز سيءَ ۾، ڪٿي ڪتر آچي!
وري جوڙيو سهي:
پکا پائر پار جا۔

---

(١) آلهي ـ لهي، غروب ٿي (٢) آهيرو ـ آکيرو
(٣) وڄ ـ ميرڻ جا تکا ڏند

(٤)

ماروُئڙا آنَ - موتَ ڪيرِي آيا ڪوتَ؛
لَتا لوهَ لِڱن تان -
جر ڪِي پٺي جيتَ ۾، منجهان آرَڻ (١) موتَ؛
لَتا لوهَ لِڱن تان -
ڪيڏا ڪيا سوُمرِي، ڪائِر توسان ڪوتَ!
لَتا لوهَ لِڱن تان -
وُٺا مينهن مَلِيرَ تي، چانگئُن چَرَن اوتَ؛
لَتا لوهَ لِڱن تان -
جيٺڻ توکي جَسُ ڏنو، پائر جي پالوتَ،
لَتا لوهَ لِڱن تان -

(٥)

اَچو، اَچو مينهڙا، ڪيو ڪيو وَسُ!
مارو پهتا ماڳ تي -
پَسو جانئيون جنڊڙيون، سَندن ڪُلهن ڪَسَ؛
مارو پهتا ماڳ تي -
وَسيا وَلين واس سان، سارا ڳوُندَر (٢) ڳَسَ؛
مارو پهتا ماڳ تي -
جتي پيرا پُرت ني، آتي ڏوٿين (٣) ڏَسَ؛
مارو پهتا ماڳ تي -
شل مارُن سان ماڻيان، جيئڻ تُنهنجا جَسَ!
مارو پهتا ماڳ تي -

---

(١) آرَڻ - جنگ (٢) ڳوُندر - غم، اندوهه
(٣) ڏوٿي - ڏُٿ چونڊيندڙ

**تنوير عباسي**

## گيت

چا آهي هُن پار
نہ چاڻان يار
نہ پيو هي پار نہ پيارو آهي

هتي مٺا محبوب وڻن تا خوب
جن سان جڳ آجيارو آهي

هتي تہ مکڙيون ماڪ ڀرهہ جا پياڪ
جن کي مٺ جو سهارو آهي

هتي چِتي پرپات پکين جي لات
سمو ڪيڏو سونهارو آهي

رنگا رنگي رنگ پرين جو سنگ
بهشتن جو نہ نظارو آهي

انهن جي لئي اونداهہ نہ ڪائي راهہ
جني جو اندر ڪارو آهي

**الطاف**

●

لکي نہ لکندو اهڙو پيار، سِرنهن جيان جو خوشبودار.
گوليءَ ڪان ويو گوءَ ڪٽي، وچڙيل وارن وارو وار.
مرڻ محبت جي دڳ ۾، جيئڻ الفت جي آڌار.
چٽپ چٽپ مکڙي، ڳل ڳل ڳُل، هيو چا ٽيندو آهہ بهار.
پرون ۾ اندلٺ جا ونگ، آئي آئي منڊ ملهار.

قمر شهباز

# سنڌو

سنڌوءَ جو پوِتر پاڻي
اڄ رت سان ريٽو ريٽو آ-
لهر لهر ڇڄ اُهو لهو آ
ڦڙو ڦڙو ڦوڪيندو آهي-
گهيڙ گهيڙَ ڇڄ گهائل گهائل
تَڙ تَڙَ تي طوفان مَتو آ-!
رت جي ورڪا راتِ وَٺِي آ
سنڌو، تنهنجي سنڌ ڪُٺِي آ-!
سچ تي سِيرَ وهائڻ وارا
ڪانئر ڪوڙ ڪمائڻ وارا
هِيرَ ۾ نِيرَ وهايو آ
تقدير ۾ ڏس پڇتايو آ-
جنهن ڌرتيءَ توکي دانَ ڏنو،
جنهن مِٽيءَ توکي مانُ ڏنو
جنهن سُورَ وسايا سرڙيءَ تي
ءَ توکي امن آمانُ ڏنو
تنهن ديس تي دشمن بڻجي تو،
واڳونءَ جيئن وات وڏايو آ-
تنهن بستيءَ جي تون هستيءَ کي
تو باهه لڳائين مستيءَ ۾-!

تون ڏالا ٻہر برسائين ٿو
تون ماءُ کي ڳھاڻ رسائين ٿو.
تون منھنجي دَرَ تي سامَ وٺي
پوءِ منھنجو گھر ڏي جلائين ٿو.!
اي ڪيدي، ڳدلا، بزدل تون،
ھن ٻوليءَ کان ٻلوانُ نہ آن
جي گوليءَ تي ٿو ناز ڪرين،
تون سيڪجھہ آن، انسان نہ آن_!

## قاصر جماڻي

# گيت

ھاڻي ھلبو دوُر الا،
ڪيسين سھبا ھوُر الا.

پيار جو ويري پاڻي پويان،
پھچ تہ تنھنجا پرزا سويان؛
ويھبو ڪين مور الا.

تنھنجو منھنجو آھي رس،
پوءِ خدا کي کھڙو ڪس؛
پنھنجا پنھنجا پوُر الا.

ھو ڏس مليا چنڊ چڪور،
ڪٿ زمانا تنھنجو زور،
’قاصر‘ ٿي پئون چوُر الا.

سحر بلوچ

# لاک - رتي لولي

سندو آ سنڌڙيءَ جي سينڌ
چوڏھينءَ جي چانڊوڪيءَ ۾
چوھ پري جا چولي ھٿي
لات ـ لھر تي ڏيئا ڏيئا
لاک ـ رتي کا لولي ھٿي

گھاتَ گھاتَ تي
ٻاتُ لاتَ آ
اوچو رکجو ٻاتُ

ٻاھت ٻاھت ٻاڙھا ٻيڙو
گونجَ گيتَ جي گولي ھٿي
آپ ـ کپر تي ٻرندي ٻرندي
پيجل جي کا ٻولي ھٿي

ڄرُ ڄرُ ڄيرو ڄرکيو ھو
پنيٽ پنيٽ پڙکيو ھو
ڌرتيءَ آکاسُ ٻريو ھو
پيچُ پٽائي! پيچُ پٽائي!
سنڌ اسانجي جيئي سدائين
جيئي سدائين، سھڻل سائين!

## مير محمد پيرزادو

# شال نہ کوسو واءُ لڳي

شال نہ کوسو واءُ لڳي، سنڌ توهان جي لاءِ تڳي.
ويرن جا هن ويس ڳهٽا، دک سٺا هن ديس ڳهٽا،
ڪتيا سڄڻ سيس ڳهٽا، اڳ ڪان اڳرا اڳي اڳي:
سنڌ توهان جي لاءِ تڳي.

ماءُ ڏني هوجهن ۾ لولي، سا نہ وساريو ٻچڙا ٻولي،
جاءِ نہ ڏيندو ڌاري جهولي، سانڍيو ساٿي ساهہ - سڳي:
سنڌ توهان جي لاءِ تڳي.

ڪجهہ ڪريو آڪرندو ڪجهہ، ويرَ ونءِ جو هي توَ وَجُهہ،
سوڀ لاءِ آ ساٿي سجهہ، ڪيريو ويري ڪين تڳي:
سنڌ توهان جي لاءِ تڳي.

پوٽرُ سنڌيءَ پيءُ نہ ماءِ، دلگيرڻ سنڌيءَ ڌيءُ نہ آءِ،
آءُ تہ چوندس ايءُ نہ آءِ، پاءُ چوان ڪيئن آءُ ڀڳي؟!
سنڌ توهان جي لاءِ تڳي.

ڪالهہ ڪريو جو ڪوپڻ ڪنڌ، شور مچي ويو هنڌئون هنڌ،
سک ڦٽي ويو ساريءَ سنڌ، ڪين ڪهين جي اک - لڳي:
سنڌ توهان جي لاءِ تڳي.

ويرَ تہ ونندا ويرُ اُتي، تو تہ جاڳايا شير سُتي،
هاڻي هڪلون هير ھُتي، رستا سارا رت - رڱي:
سنڌ توهان جي لاءِ تڳي.

ڪين قرب ۾ ڪنسُ ڪرن، ويريءَ پٺيان وس ڪرن،
ڳهائي ڳهائي ڳس ڪرن، سڀ جو سنڌ لاءِ سِرُ اڳي:
سنڌ توهان جي لاءِ تڳي.

سنڌ وڪي هيءَ سرسيءَ لاءِ، ڪاري ڪتي ڪرسيءَ لاءِ؛
هيٺن چون ٿا حرصيءَ لاءِ، لهوءَ نہ پنهنجي لڳي لڳي:
سنڌ توهان جي لاءِ نڳي .

سنڌ جا ويري وچن ڀڃ، ٻول ڪو جو ٻچن ڀڃ؛
ڪين ڇڏيندا ڪچن ڀڃ، ٿو ڳي سڳهندو ڏڪين نڳي:
سنڌ توهان جي لاءِ تڳي .

هوشو هاڻي هـا ڪاري، ٻهـ ٻهـ هيمو ٻاڪاري؛
بي شڪ سوري ٻلو ساري، سوڀون سارن سِـر رڳي:
سنڌ توهان جي لاءِ تـڳي .

آخر ڪيان ٿو ٻارت ساري، سنڌ جي جنهن آ سينڌ سنواري؛
خوش رهي سوهاري ناري، جيئين پنهنجي جهڳي جهڳي:
سنڌ توهان جي لاءِ تـڳي.
شل نہ ڪوسو واءُ لڳي، سنڌ توهان جي لاءِ تڳي.

ملڪ نديم

# وائي

مظلوم وطـن جـا زنده آباد،
ظالم مڙده باد ـــ او سنڌڙي:
ظالم مڙده باد .

قليلي جي ڪپ تي وڙهندڙ،
رهندا سورهيہ ياد ـــ او سنڌڙي؛
ظالم مڙده بـــاد ـــ او سنڌڙي:
ظالم مڙده باد .

اهڙو راڄ عـوامـــي ايندو،
ڪونہ ڪندو فرياد ـ او سنڌڙي؛
ظالم مرده بـــاد ـ او سنڌڙي؛
ظالم مرده باد.

ڦورو چـور لـٽـيـرا ٿيندا،
پينگ سڄا برباد ـ او سنڌڙي؛
ظالم مرده بـاد ـ او سنڌڙي؛
ظالم مرده باد.

جي ڊوه ڊاهيندا سي ٿي ڪندا،
جهنگ شهر آباد ـ او سنڌڙي؛
ظالم مرده باد ـ او سنڌڙي؛
ظالم مرده باد.

ڏاڍن، ڏڪن ڏولاون ڪان،
ٿيندين نيٺ آزاد ـ او سنڌڙي؛
ظالم مرده باد ـ او سنڌڙي؛
ظالم مرده باد.

آڳ عوام جي پڙڪي آهي،
جلندا سڀ جلاد ـ او سنڌڙي؛
ظالم مرده باد ـ او سنڌڙي؛
ظالم مرده باد.

۴- مارچ ۽ سنڌي زبان ڪنوينشن تي ڪيل تقرير
۴- مارچ ۽ اساڻا فرض
۴- مارچ ۱۹٦۷
۴- مارچ قومي جدوجهد جو ڏينهن

# مضمون

شيخ اياز
رسول بخش پليجو
مسعود نوراني
يوسف ميمڻ

پڙهندڙن جا خط

# تنقيد ۽ رايا

پڙهندڙن وٽان

جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهن. انهن ٻي پختون ۽ بلوچي عوام جي اڪثريتي پارٽي نيشنل عوامي پارٽيءَ جي رهنما خان عبدالولي خان تي بار بار غداريءَ جا الزام هنيا آهن. ۽ انهن ٻي سائينءَ جي-ايم-سيد ۽ مونکي غدار، نفرت جو ديوتا، مهاملحد وغيره جهڙا لقب ڏنا آهن. انهن جوئي پاڪستان جي اُردو پريس تي قبضو آهي. اهي پاڻکي اسلام ۽ پاڪستان جا واحد ٺيڪيدار سمجهن ٿا، سوشلزم ۽ صوبائي خودمختياريءَ جا دشمن آهن ۽ مرڪزيت جا انڪري حامي آهن، ته جيئن هنن کي پورو پاڪستان پيائي لاءِ ملي وڃي. اهي سڪر ۾، سنڌ ۾، پوري پاڪستان ۾ ڦهليل آهن ۽ پاڪستاني صوبن جي هر قومي امنگ خلاف واويلا ڪن ٿا. اهي ئي ’جيئي سنڌ‘ جي نعري جا ويري آهن، اهي ئي ’جيوي پنجاب‘ جي نعري کان جان ٿا. سڌي يا اڻ سڌي طرح اهي رجعت پرست ۽ فاشسٽ سياسي پارٽين، جماعت اسلامي، مسلم ليگ، پي ڊي پي، نظام اسلام پارٽي، تحريڪ استقلال وغيره جا حامي آهن. انهن مان جيڪي منافقي ڪري پيپلز پارٽي ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويا آهن، اهي فقط چالاڪي ۽ عياريءَ سان انهن پارٽين جو پروگرام پنهنجي مقصد لاءِ سبوتاج (Sabtoge) ڪن ٿا. اهي ڪڏهن اسلام جي نالي ۾ عوامي امنگن سان دشمني ڪنتا، ڪڏهن سوشلزم جي نالي ۾. مونکي اهو ڏسي حيرت آئي هئي ته جڏهن ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي ميڙ ۾ ڪبل منهنجي صدارتي تقرير تي پوري اردو پريس مخالفت جو طوفان اٿاريو هو، تڏهن ساڳئي هفتي ۾ هفتي وار سياسي رسالن چٽان، زندگي الفتح ۽ ليل و نهار به منهنجي خلاف زهر هاريو هو. چٽان ۽ زندگي رجعت پرستن جا رسالا آهن ۽ الفتح ۽ ليل و نهار نام نهاد ترقي پسندن جا رسالا آهن، پر سنڌ جي قومي آواز ۽ امنگ کي نهوڙڻ تي سڀئي متفق ٿي ويا هئا.

ورهاڱي کان ڪجهه سال اڳ مون اُردوءَ جي مشهور نقاد عبدالرحمان بجنوريءَ جا اهي لفظ حيرت سان پڙهيا ها ته: ”هندستان جا الهامي ڪتاب فقط ٻه آهن- هڪ مقدس ويد ۽ ٻيو ديوان غالب.“ مون انوقت سوچيو هو ته ڇا هندستان جي الهامي ادب ۾ ڪنهن

وڪوڙي ويندا ــــ ڪانگريس هندي زبان جي حامي هئي ۽ مسلم ليگ آردوءَ جي.

ورهاڱي کانپوءِ، هنديءَ وارن جي تسلط سبب، ڏکڻ ڀارت جي آنڌرا، ڪرناٽڪ، تامل ۽ مليالم قومن ۾ هل چل پيدا ٿي ۽ جڏهن آئيني طور هنن تي هندي مرڪزي زبان ڪري مڙهي وئي، تڏهن آنهن هندي سامراج خلاف بغاوت ڪئي ۽ هنديءَ کي ثقافتي غلبي ۽ اقتصادي قرار جو ذريعو سمجهي، ڏکڻ ڀارت ۽ مرڪز جي وچ ۾ انگريزيءَ کي رابطي جي زبان برقرار رکڻ لاءِ جدوجهد ڪئي.

پاڪستان ۾ اسلام ۽ نظريءِ پاڪستان جي نالي ۾، پاڪستان جي بينگالي اڪثريت تي آردو مڙهي وئي ۽ جيستائين ڪُجهه ڪونڌر نه ڪُٽا، تيستائين بنگلا ڀاشا جي قومي حيثيت تسليم نه ڪئي وئي. حيرت آهي ته شيخ مجيب الرحمان جي گرفتاري کانپوءِ وري ساڳيون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون ۽ بنگاليءَ تي عربي خط مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ نيٺ پاڪستان ۾ ٽڪرا ٿيڻ ويو. اڄ باشعور سياسي حلقا اهو تسليم ڪَري رهيا آهن، ته اوير پاڪستان اُنهي ڏينهن جدا ٿيو هو، جڏهن بنگالي شاگردن تي ٻوليءَ جي مسئلي سبب گوليون هلايون ويون هيون.

ڪُجهه وقت اڳ 'نصرت' هفتيوار ۾ پنجابي اديب 'شفقت تنوير مرزا' لکيو هو ته، سال ١٩٥٨ع ۾ هنجي روبرو پنجاب جي آردو نواز تعليمي ماهر 'حميد احمد خان' جي صدارت هيٺ ڪيل هڪ ميڙ ۾، 'مولوي عبدالحق' مرحوم چيو هو ته، "اردو ڪانسواءِ پاڪستان جون سڀ زبانون بت پرستن ۽ ڪافرن جون زبانون آهن". دروغ برگردنِ راوي، پر اهائي ذهنيت آهي جنهن پاڪستان جي قوميتن ۾ نفرت جو ٻج ڇٽيو ۽ جنهن اوڀر پاڪستان کي اسان کان جدا ڪيو.

مان جڏهن ٻاهران آيلن کي چوان ٿو ته: سنڌ ۾ سنڌي، پنجاب ۾ پنجابي، بلوچستان ۾ بلوچي ۽ سرحد ۾ پختون ٿي وڃو، ته اردو پريس ڪڪر وانگر ڇڙي وڃي ٿي ۽ مُنهنجي آنڊ ونئي، پوريءَ سنڌ ۾ آنجي زبان، تهذيب ۽ تاريخ تي آڪڙجي، آڀري اچي ٿي. اهو هڪ

رسول بخش پليجو

# ٤- مارچ ۽ اسانجا فرض

٤- مارچ جو ڏينهن اسانجو قومي ڏينهن آهي. اهو اسانکي پنهنجي وطن جو احساس ڏياري ٿو. اسانکي سجاڳيءَ، قربانيءَ ۽ جدوجهد جو سبق ڏئي ٿو. ٤- مارچ جي ڏينهن ملهائڻ جو صحيح طريقو ڪهڙو آهي؟ منهنجي خيال ۾ اهو طريقو هيءُ آهي، ته اسين سڀ پنهنجي قومي فرض کان واقف ٿيون ۽ پنهنجي عوام جي حقن لاءِ لڙندا رهون.

اسانجي اڳيان اهم تاريخي فرض موجود آهن. انهن مان ڪي ڏکهي عرصي جا آهن، ته ڪي تمام ترت توجه جي گهُر ڪن ٿا. سنڌ کي مهاجرستان بنائڻ جي خطرناڪ ۽ قاتل سازش کي ناڪام بنائڻ اڄ اسانجو سڀ کان اهم ۽ فوري مسئلو آهي. ڪيترن ڏينهن کان سنڌين کي پنهنجي سنڌ ۾ اقليت ۾ آڻڻ جي زبردست سازش هلي رهي آهي. اردو پريس طرفان حڪومت تي پل پل، گهڙيءَ گهڙيءَ دباءُ پئجي رهيو آهي، ته بنگال جي سمورن اردو بازن کي اولهه پاڪستان ۾ آندو وڃي. اولهه پاڪستان معنيٰ سنڌ. ڇو ته ٻين صوبن نه اڳ اردو بازن کي سٺو آهي، نه هاڻ سهندا، تنهنڪري اهي خاموش آهن. "ماما جي گهر مزمان، منهنجي دل کي لوڏوئي ڪونهي!" گذريل ٢٥ سالن ۾ سنڌ کي جيڪي به ڪاپاري ڌڪ هنيا ويا آهن، سي هن ڌڪ جي ڀيٽ ۾ چڻ ٻاراڻا کيل هئا. هي مرڻ ۽ جيئڻ جو ڌڪ هوندو، جنهنجو ڪوبه ويڄ طبيب ڪونه ٿيندو. انهن بهارين کي امپورٽ ڪري اردو باز هڪ ٻي ڌڪ سان سنڌ ۾ موتمار اڪثريت ۾ اچي ويندا. هيستائين جڏهن هو اسانکان ٿورا هئا، تڏهن به اسانکي رت رئاڙيو ويئا هئا، هاڻ جي اسانکان گهڻا ٿيا ته گهٽائي جي زور تي ميمبريون، وزارتون ۽ حڪومتون هٿ ڪري سنڌ کي عظيم يوپي ۽ مهاجرستان بنائي ويا، ته سنڌين جي آمريڪي شيدين ۽ ريڊ انڊين واري حالت ڪندا. اڄان ان کان به خراب. ڇو ته

مضمون ۾ هڪ ڊرامو ڏيئي سگهو، ته ان سان پرچي جي خوبصورتي ۾ معيار وڌي ويندو.

— **غلام رسول ڪلهوڙو**، جيڪب آباد، سنڌ

■ اوهان 'پنهنجي طرفان....' سهڻي جي شماري ١١ ۽ ١٢ (١٩٧١) ۾ ترقي پسند نظريات کي زوردار لفظن ۾ بيان ڪري، نه فقط حقيقتن تان پردو کنيو آهي، پر انهن ڳالهين جو اظهار به ڪيو آهي، جنڪي بيا پيش ڪرڻ کان پاسو ڪري رهيا هئا. پاڪستان، سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جي مسئلن تي اوهان جيڪي نظريا پيش ڪيا آهن، تن جو اظهار ۽ ان لاءِ جدوجهد جيتوڻيڪ ماضي ۾ ڪن سياسي جماعتن يا انفرادي طرح سان ڪن شخصن پڻ ڪئي آهي، پر انهن نظرين کي ۽ جدوجهد کي جنهن سائنسي سوشلزم جي نقطهء نظر کان، اوهان پيش ڪيو آهي، تنهن لاءِ لک لک مبارڪون. ڪاش بيا به همعصر رسالا اهڙيءَ همٿ ۽ سوچ قائم ڪري سگهن. مختصر طرح سان هي هڪ سياسي دستاويز آهي، جنهنکي سانڍي رکڻ لاءِ دل چاهيو.

— **گوپال پروانو**، جيڪب آباد، سنڌ

جيئي سنڌ، سهڻي پڙهي دل بهار بهار ٿي وئي وئي. توهان ايڏو زبردست ايڊيٽوريل لکڻ جي جيڪا همٿ ڪئي آهي، ان لاءِ اوهان مبارڪباد جا مستحق آهيو. توهان سنڌي ٻوليءَ جي جيڪا خدمت ڪري رهيا آهيو، اها ڪنهن کان ڳجهي ڪونه آهي. سهڻيءَ جو 'پريس فنڊ' اسان شاگردن وڏي محنت سان جمع ڪيو آهي. اميد ته توهان ان فنڊ کي صحيح نموني سان استعمال ڪندا. ڪيڏو نه سٺو ٿئي، جو اوهان سهڻيءَ جي بجاءِ هڪ اهڙو رسالو ڪڍو، جنهن ۾ هر قسم جو مواد شامل هجي. جيئن هر پڙهندڙ پنهنجي ذوق مطابق ان مان ڪجهه حاصل ڪري سگهي. خالص ادبي رسالو ادب سان ذوق رکندڙ دوستن کي ئي پسندو ايندو. سنڌيءَ ۾ ادبي رسالا ته ڪافي نڪرن ٿا، پر هڪ اهڙي رسالي جي ڪمي آهي جنهن ۾ هر قسم جو مواد هجي. جهڙي طرح اردو رسالا 'اخبار جهان' ۽ ڊائجسٽ وغيره نڪرن ٿا، اهڙي قسم جو ڪو رسالو جيڪڏهن سنڌي زبان ۾ نڪرڻ شروع ٿئي، ته سنڌين جي هڪ اهم ضرورت پوري ٿي وڃي.

## سهڻي پريس فنڊ

ماهوار سهڻيءَ کي بچائڻ لاءِ، سهڻيءَ جي پنهنجي پريس جو هئڻ ضروري آهي، هن ڏس ۾ سهڻيءَ جي پڙهندڙن ۽ سڄڻن ڪافي مدد ڪئي آهي، پر اڃا ڪجهه وڌيڪ مدد جي ضرورت آهي.

ماهوار سهڻيءَ جي پنهنجي پريس لاءِ 'پريس فنڊ' جون (هڪ رپئي واريون) امدادي ٽڪيٽون گهڻي ۾ گهڻيون وٺي، اوهين 'سهڻيءَ' کي بچايو، ڇاڪاڻ ته هن وقت فقط هيءَ مخزن ئي سنڌ جي حقن لاءِ پوريءَ طرح جدوجهد ڪري رهي آهي.

سهڻي سنڌي زبان جي مخزن آهي،
هيءَ اوهانجي پنهنجي مخزن آهي.

ط ـ ا

---

سهڻي پاڪٽ سلسلي جو پهريون ڪتاب

# پيار جي پري

سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار

## غلام رباني

جون چار چونڊ ڪهاڻيون

ٻه رنگو ٽائيٽل، صفحا سؤ، قيمت هڪ رپيو

## سهڻي پبليڪيشن

الهندو ڪڇو، حيدرآباد، سنڌ

’سهڻي پبليڪيشن‘ جو ’آڳاڻو ادب‘ ڪتابي سلسلو

ورهاڱي کان اڳ سنڌيءَ ۾ هزارين ڪتاب ڇپيا هئا، جن ۾ شاهڪار ڪتابن جو وڏو ذخيرو هو. پر ورهاڱي کانپوءِ انهن شاندار ڪتابن جو وڏو تعداد اڻ-لڀ ٿي ويو. سهڻي پبليڪيشن هاڻ انهن اڻ-لڀ ۽ شاندار ڪتابن کي وري شايع ڪرڻ جو پروگرام رٿيو آهي. انهي سلسلي جو

## پهريون اڻ-لڀ ڪتاب

# اسانجي سنڌ

(اپريل جي پڇاڙيءَ ۾ شايع ٿي ويندو.)

ڇهن وڏن ڪهاڻيڪارن **شيخ اياز، ڪيرت ٻاٻاڻي، موهن پنجابي ۽ امر لعل هنڱوراڻي** جون بهترين ڪهاڻيون ۽ شيخ اياز جو لکيل پيش لفظ.

**سهڻو ڊائيٽل** قيمت: **سوا رپيو**

## سهڻي پبليڪيشن

الهندو ڪڇو، حيدرآباد سنڌ.

---

# اڳتي قدم

## ماهوار ڪتابي سلسلو

جنهن ۾ محب سنڌ محترم جي-ايم-سيد جي تقرير، قومي شاعر شيخ اياز جو جيل مان لکيل خط ۽ شيخ اياز، فتاح ملڪ، سرويچ سجاولي، امداد حسيني، غلام حسين رنگريز جا شعر ۽ ع. ق. شيخ، عبدالقادر جوڻيجي، منير احمد، مشتاق شوري، پنڊر سنڌيءَ جون ڪهاڻيون شامل آهن.

لکپڙه لاءِ:

## اڳتي قدم پبليڪيشن

معرفت پرفيڪٽ پرنٽرس،
۴۲۴- صدر. حيدرآباد سنڌ.